پرينءَ جا پور

ڪلام فقير سيد علي مدد شاهه
صوفي القادري

سهيڙيندڙ:

ڊاڪٽر خادم ڍوٽ "خالق"

HAMA UST
هم اوست

پرينءَ جا پُور

كلام

فقير سيد علي مدد شاهه

صوفي القادري

(شاعري)

سهيڙيندڙ:

ڊاڪٽر خادم ڍهوٽ "خالق"

HAMA UST
هماوست
2026

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب:	**پرينءَ جا پُور**
موضوع:	شاعري
شاعر:	**فقير سيد علي مدد شاهه صوفي القادري**
سهيڙيندڙ:	ڊاڪٽر خادم ڏهوٽ ”خالق“
ڇاپو پهريون:	جنوري 2026ع
ڪمپوزنگ:	رمضان ترڪ
ٽائيٽل:	نعيم ديسوالي
تعداد:	500
ڇپائيندڙ:	هم اوست پبليڪيشنز خيرپور ميرس، سنڌ
قيمت:	-/1500 روپيا

ISBN: 978-969-23964-3-0

Preen'a Ja Poor
[Poetry]

Poet:	**Faqeer Syed Ali Madad Shah**
Compiler:	Dr. Khadim Dahot "Khaliq"
1st Edition:	January 2026
Quantity:	500
Publisher:	Hama Ust Publications, A-3, Third Floor, Civil Centre, Khairpur Mirs Ph: 0345-8223739
Price:	Rs. 1500/-

فهرست

- مهاڳ — 4
- ٻه اکر — 9
- شاهه جو سنديس (تاثر) — 12
- ڪافيون — 16
- سي حرفي — 80
- ابيات مدح پيران پير دستگير — 88
- ابيات مومل راڻو — 94
- ابيات قاصد پرين ڏانهن — 110
- ابيات قاصد جي واپسي — 136
- ابيات سهڻي ميهار — 140
- ابيات عمر مارئي — 148
- ابيات — 152

مهاڳ

انساني اظهار جي پرامن گلڪاريءَ ۾، شاعري روشن مينار جيان بيٺي آهي، جيڪا اسان جي جذبن کي گورک ڌنڌن جي دنيا ۾ رهنمائي مهيا ڪري ٿي ۽ اسان جي روح جي پوشيده جذبن کي روشن ڪندي آهي. شاعريءَ جي دائري ۾، هڪ مقدس جاءِ موجود آهي، جتي تصوف ۽ حسن پاڻ ۾ ملن ٿا، اسان کي دعوت ڏين ٿا ته دنيا کي پار ڪري، عظمت کي ڇهي سگهئون. انهيءَ مقدس جاءِ ۾ اسان کي فقير صوفي علي مدد شاهه جون من موهيندڙ سٽون ملن ٿيون، جنهن جا لفظ ابد تائين گونجندا رهندا.

وقت جي اونداهين ۾، صوفي شاعر ڏاهپ جي مينار جيان ابري آيا آهن، انهن جي شاعري ماديت ۽ وحدانيت وچ ۾ پل جو ڪم ڪري ٿي. انهن جي ماورائي فن جي ذريعي، اهي وجود جي اسرار کي ظاهر ڪن ٿا، روح جي لامحدود حقيقتن ۾ جهلڪ پيش ڪن ٿا. فقير علي مدد شاهه انهن روشن خيالن مان بينو آهي، سندس شاعري سچائي ۽ حسن جي ابدي جستجو جو ثبوت آهي.

فقير علي مدد شاهه جي شاعريءَ جي ورقن مان سفر شروع ڪندي، اسان هڪ اهڙي دڳ تي پهچون ٿا، جتي وقت بينو آهي ۽ ڏنل ۽ اڻ ڏنل سرحدون ٽٽي وينديون آهن. هر بيت هڪ گلڪاري آهي جيڪو خدا جي محبت، ڪائناتي حسن ۽ بصيرت جي ڏاڳي سان پروڙيل آهي.

فقير علي مدد شاهه جي شاعريءَ ۾ توحيد سان گڏ دستگير بادشاهه پير جي لاءِ بيحد تعظيم آهي، محبوب سان ميلاپ ڪرڻ ۽ ڪائناتي هم آهنگي سان هڪ ٿيڻ جي تمنا آهي. هن جون ڪافيون ڪائنات جي تال سان گونجن ٿيون، قديم صوفي بزرگن جي سرگوشي ۽ آسماني مخلوق جا گيت آهن. پنهنجي ڪافين جي ڪيميا ذريعي، هو عام کي خاص ۾ تبديل ڪري ٿو لڪيل خوبصورتي کي ظاهر ڪري ٿو جيڪو وجود جي ڪپڙي ۾ لڪيل آهي.

زندگيءَ جي گمراهيءَ ۾، اسين اڪثر پاڻ کي ماڻ جي چار ۾ ڦاسائي، وقتي خواهشن ۽ وقتي لذتن جي پٺيان لڳندا آهيون. اڄان تائين، افراتفري ۽ مونجهاري جي وچ ۾، فقير علي مدد شاهه جي شاعري هڪ رهنمائي واري روشني جي طور تي ڪم ڪري ٿي، اندروني امن، سڪون ۽ روحاني تڪميل جي رستي کي روشن ڪري ٿي. هن جا لفظ اسان کي اسان جي خدائي ورثي جي ياد ڏياريندا آهن، اسان کي جهالت جي اونده مان بيدار ٿيڻ ۽ سچ جي روشني کي اپنائڻ جي تلقين ڪندا آهن.

سندن بيتن کي اسان جيئن جيئن پڙهندا ويندا آهيون، اسان کي انهن بيشمار سوالن سان منهن ڏيڻو پوندو آهي، جن انسانيت کي شروع کان وٺي پريشان ڪيو آهي. اسان ڪير آهيون؟ اسان ڪٿان آيا آهيون؟ اسان جي وجود جو مقصد ڇا آهي؟ فقير علي مدد شاهه پنهنجي شاعراڻي عڪس ذريعي سچائي جي جهلڪ پيش ڪري، اسان کي خود دريافت ۽ خود شناسي جي سفر تي هلڻ جي دعوت ڏئي ٿو.

فقير علي مدد شاهه جي شاعري ٻوليءَ ۽ ثقافت جي حدن کان لنگهي، هر انسان جي دل ۾ رهجي ويل آفاقي تمنا جي ڳالهه ڪري ٿي. هن جا لفظ هڪ رهنما ستاري جي حيثيت ۾ ڪم ڪن ٿا، اسان کي اسان جي وجود جي جوهر ڏانهن واپس آڻيندي ۽ خدائي محبت جي شعلي کي روشن ڪري اسان سيني جي اندر جي جوت جلائي ٿي.

سيد علي مدد شاهه جيلاني
جو احوال زندگي ۽ سوانح

سيد علي مدد شاهه جيلاني جن سال 1947ع ۾ ڳوٺ ڏانورو لڳ ٽنڊو نظر علي تعلقہ ضلع خيرپور ۾ سيد ولي محمد شاهه جيلاني ولد سيد علي محمد شاهه جيلاني جي گهر ۾ تولد ٿيا.

شروعاتي تعليم:

سيد علي مدد شاهه جيلاني ننڍپڻ کان ئي سلڇڻا، سڀاجهڙي طبيعت جا مالڪ هئا، جڏهن عمر 5 سال ٿي تہ پنهنجي ئي ڳوٺ ڏانورو ۾ ديني ۽ دنوي

تعليم حاصل ڪيائون، قرآن پاڪ جي تعليم محمد صالح چنو کان حاصل حاصل ڪيائون ۽ پرائمري تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان استاد خان مهسير کان ورتي.

سيد علي مدد شاهه جيلاني، سمجهه جوڳا ئي مس ٿيا تہ سندن والد سيد ولي محمد شاهه جيلاني جن وفات ڪري ويا ۽ باقي عمر سندن وڏي ڀاءُ ۽ امان سائڻ جي زيرنگراني ۽ سائي هيٺ رهي. پاڻ سدائين امان سائڻ جي فرمان ۾ رهندا هئا، جيڪو بہ حڪم ٿيندو هو تہ ان جا منتظر رهندا هئا. ڪڏهن بہ امان سائڻ جي اڳيان ڪنڌ مٿي ڪري نہ ڳالهايائون. انهي خدمت، ادب احترام جي طفيل سندن امان سائڻ جي دعا سان اعليٰ مقام وارا بڻجي ويا.

جواني:

سيد علي مدد شاهه جيلاني جيئن جواني طرف مائل ٿيا تہ سندن خيال نهٺائي ۽ نيچائي اختيار ڪئي. پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن ڪي رنج جي اک ڪٽي نہ نهاريائون. سندن دل ۾ سدائين مخلوق خدا جي محبت سمايل هوندي هئي. جڏهن عمر ڦوهہ جواني کي رسي تہ مجازي عشق جي چوٽ لڳي، جنهن مان کين حقيقت جي راهہ ملي وئي. اهو اظهار سندن ئي ڪلام مان ظاهر آهي.

طالب:

سيد علي مدد شاهه جيلاني جن پنهنجي وڏي ڀاءُ سيد علي محمد شاهه جيلاني (دوم) عرف نندو علي سائين جن جا قادري سلسلي ۾ طالب ٿيا. ادب جي لحاظ کان پنهنجي مرشد جي امر کان ڪڏهن بہ پنهنجي مرضي نہ هلايائون ۽ سدائين ادب ۽ امر ۾ رهيا.

شاديون ۽ اولاد:

سيد علي مدد شاهه جيلاني جن زندگي ۾ ڪل بہ شاديون ڪيون. پوئين شاديءَ مان اولاد بہ نينگر ٿيا. (1) سيد موج علي شاهه جيلاني ۽ (2) سيد علي مصطفيٰ شاهه جيلاني جن آهن. پاڻ جڏهن وفات ڪيائون تہ سندن وڏي نينگر جي عمر اٽڪل 2 سال هئي ۽ ننڍا نينگر، والده جي شڪم ۾ هئا، سائين

علي مدد شاهہ جن جي وفات کان اٽڪل 18 ڏينهن پوءِ تولد ٿيا. نينگر جو نالو پنهنجي حياتي ۾ ئي پاڻ سيد علي مصطفيٰ شاهہ جيلاني رکي ويا هئا.

طالب/ مريد ڪرڻ:

سيد علي مدد شاهہ جيلاني جن جڏهن مرشد جو ادب ۽ ماتا سائڻ جي اطاعت جو فرض انجام ڏنو تہ سندن صورت ۽ سيرت کان ڪافي دنيا جهان جا ماڻهو موهجي پيا ۽ طالب ٿيڻ لڳا ۽ انهن کي قادري طريقي مطابق طلب ڏيندا رهيا.

طالبن ۾ خاص خليفا ۽ نقشي قدم تي هلڻ وارا صوفي فقير خميس علي ميتلو (وفات سنہ 2010ع)، ۽ فقير خير محمد ميتلو (وفات سنہ 2000ع) جن سائين جن سان زندگيءَ جا سمورا ڏينهن صحبت ۽ خدمت ۾ گذاريا. ٻنهي فقيرن جون قبرون، روضي اندر پنهنجي مرشد جي پير ۾ پيل آهن.

ان کان علاوه ٻيا بہ ڪيئي طالب فقير آهن. جن ۾: رتل فقير ميتلو، صوفي الله بچايو، فقير الهوسايو ميتلو عنايت فقير ميتلو سالار فقير ميتلو، گل فقير ميتلو، قادن فقير ميلتو، مستري تڳيل ميتلو احمد فقير موچي (بقار وارو)، ميانداد فقير قلپوٽو علي گل فقير لنڊ (لنڊ بازار خانپور مهر)، فقير هادي بخش (پير عيسي وارو)، جمن فقير اجڻ (کهڙا وارو)، فقير عبد الله مهيسر (وڏا مهيسر وارو) ۽ ٻيا .

شاعري:

سيد علي مدد شاهہ جيلاني، سنڌي ۽ سرائيڪي جا قادر القدر شاعر آهن، شاعري ۾ تخلص "علي مدد شاه ۽ علي مدد" قطب آندو اٿن. شاعري ۾ ڪافيون، مدح ۽ بيت چيل آهن.

وصال:

سيد علي مدد شاهہ جيلاني جن جو وصال جواني ۾ 35 سالن جي عمر ۾ سال 1982ع بمطابق پهرين شعبان تي ٿيو. کين موجوده جڳهہ ڳوٺ قادن فقير ميتلو لڳ وڏا مهيسر، تعلقو ڪنگري، ضلع خيرپور ۾ دفنايو ويو. هن

وقت موجود سجاده نشين سيد موج علي شاهہ جيلاني پاران نئين سري سان روضو تعمير ڪرايو ويو آهي، جنهن جو ڪم اجان جاري و ساري آهي.

عرس ۽ ڏهاڙا:

درگاه تي هر سال، پهرين شعبان تي سالانو عرس، جنهن ۾ راڳ ويراڳ جي محفل، ملاڪڙو ۽ ننگر منعقد ٿيندو آهي. ميلي ۾ هزارين معتقد، مريد ۽ آس پاس جي ڳوٺن جا ماڻهون شرڪت ڪندا آهن. ان ڪان علاوه هر جمعرات ۽ هر ماه چنڊ جي 12 تاريخ تي ڏهاڙا ملهايا ويندا آهن.

سجاده نشين:

درگاه جا موجوده سجاده نشين سيد محمد عارف عرف موج علي شاهہ جيلاني القادري جن طريقت جو ذڪر پنهنجي مرشد سيد جان محمد شاهہ جيلاني ڪان ورتو. سيد موج علي شاه جن هن وقت درگاه ۾ مريدن جي سار سنڀال سان گڏ باقائده درگاه تي ٿيندڙ عرس، ڏهاڙن جو بندوبست ڪن ٿا.

آخر ۾ مان بيحد ٿورائتو آهيان نوجوان فقير ظفر علي مهيسر "بيسر" صوفي القادري جو جن فقير سيد علي مدد شاهہ جيلاني جو ڪلام هٿ ڪري مون تائين پهچايو ۽ ڪلام جو پروف پڙ چيڪ ڪيو ان ڪان علاوه سائين موج علي شاه بادشاه جن جو بہ احسان جن هن ڪلام جي ڇپائي بابت اجازت فرمائي، جملہ سنگت ۽ فقيرن جو قرب جن هن ڪم ۾ ساٿ ڏنو.

ـ ڊاڪٽر خادم حسين ڏهوٽ "خالق"

خيرپور ـ پهرين فيبروري 2024

ٻه اکر

سنڌ ڌرتي صوفين، سنتن ۽ سالڪن جي اها سرزمين آهي. جنهن پنهنجي هنج ۾ ڪيترن ئي الله لوڪ درويشن، صوفي صفت انسانن، عالمن، بزرگن ۽ شاعرن کي جنم ڏنو آهي. اهڙن بزرگ شاعرن ۾ صوفي شاعر سيد علي مدد شاهه جو نالو پڻ شمار ٿئي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته سندس ڪلام وقت سر سهيڙيو ۽ شايع نه ڪيو آهي. سندس هي ڪلام پهريون شايع ٿيڻ گهربو هو. انجا ڪهڙا سب هئا ان جي خبر اسان جي پياري دوست صوفي خادم ڍهوٽ کي ئي هوندي بحرحال هن وقت به صوفي فقير خادم ڍهوٽ جي ذاتي دلچسپيءَ ۽ سندس محبت سان ڪيل محنت جو نتيجو آهي جو سيد علي مدد شاه جو ڪلام منظر عام تي آيو آهي.

سيد علي مدد شاهه پنهنجي دور جو وسيع پسمنظر رکندڙ صوفي شاعر آهي. سندس وقت جي تمام اهم صوفي شاعرن سان رهاڻيون ٿيون سندس فڪري سلسلو علي سائين ڏانوري واري کان سيد ولايت شاهه ۽ سيد فيض درياهه اننباهيءَ تائين پهچي ٿو. صوفين جا آستانہ ميخانہ محبت جو مرڪز رهيا آهن جتان هميشہ دوئي دور ڪرڻ جو درس ملندو آهي. صوفياڻي شاعريءَ ۾ پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي رب کي سڃاڻڻ جي هدايت ملي ٿي ساڳي تسلسل جو شاعر ۽ انهيءَ واٽ جو وڻجارو سيد علي مدد شاه به آهي. سندس شاعريءَ ۾ حسن پيار محبت جو مذڪور به آهي ته حق جي هدايت به آهي. سيد علي مدد شاهه جو ڪلام عام فهم واري ٻوليءَ ۾ عشق جو اظهار آهي. صوفين وٽ عشق عبادت آهي. عشق امام آهي عشق پاڪ آهي. عشق حق آهي عشق جي منزل عقل کان مٿاهين آهي. عشق بيباڪ ڪيفيت جو اهو نانءُ آهي جنهن ۾ ڪو به خوف خطرو يا حجاب نٿو رهي. اهڙن خيالن جو اظهار علي مدد شاهه جي ڪلام ۾ هن طرح ملي ٿو.

منهنجو عشق وڃايو حجاب، لڄ شـرم سڀ پرم هليو ويو
”علي مدد شاهه“ خبر نہ ڪائي، سورن ساري سرت وڃائي
تن تڪو ڏيکاري تاب

لـڪي لالــڻ ليئڙم پائي ويو
مونکي ماري مست ٻڌائي ويو

سيد علي مدد شاهه جو ڪلام صنفن جي لحاظ کان بيت، ڪافي، ٽيهه اکري، ۽ مداح تي مشتمل آهي. سندس ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو نہ رڳو شاعر هو پر راڳ ويراڳ جو ڄاڻون ۽ بيحد شائق هو. اهوئي سبب آهي جو سندس مختلف ڪافين جي مٿان مختلف راڳن ۽ راڳڻين جا نالا پڻ لکيل آهن. جهڙوڪ پهاڙي، لوڙائو، پيم، آسا، مانجهہ، تلنگ، پيلو، ڪلنگڙو، پوپالي ۽ ٻيا شامل آهن. سنڌ جي (ڪلاسيڪي شاعريءَ جي روايت کي برقرار رکندي سيد علي مدد شاهه پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي رومانوي قصن، تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن، عمر مارئي، ليليٰ چنيسر، سهڻي ميهار، سسئي پنهون، نوري ڄام تماچيءَ تي سندس بيت سرجيل آهن. مومل جي ڪاڪ محل ۾ راڻي مينڌري جي اچڻ جو منظر سيد علي مدد شاهه هن طرح چٽيو آهي.

مومل سندي ماڙيءَ جو در نہ لڀي دري
ڪيئي مرد مري ويا ڦاسي ڦري
ڏڙ ڪلهن ڪئون ڏار ڪري ڪنگرو ٻڌائي سري
گهوٽ ويو گهري، علي مدد سوڍو پنهنجي سياٽپ سان

سيد علي مدد شاهه جي شاعريءَ ۾ موضوعاتي بيت بہ شامل آهن. جن ۾ ”پرين ڏانهن پيغام“ جيڪو خاطي خط وسيلي پرين تائين پيغام پهچائي ٿو. سندس ان موضوع تي تمام گهڻا بيت آهن . نموني طور هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو.

خط ڪٽي وچ خاطي سگهو پرينءَ کي پڄاءِ
لـوڪون لـڪي لالڻ کي ڏاهـو ٿي ڏجانءِ
گهارڻ نہ اچي گنگهر ۾ هوت مون هڪ جاءِ
دلـبر سـندي دلـجاءِ، اچي ڏج علي مدد کي

هاڻي جڏهن قاصد وري پرين جو خط کڻي واپس اچي ٿو ۽ اهو خاطي يعني خط آڻيندڙ/پهچائيندڙ اها خاصي خبر پهچائي ٿو تہ اهڙن خيالن جو اظهار سيد علي مدد شاهہ هن طرح ڪري ٿو.

خاطـــيءَ آندي خبر ٻڌايائـــين پرينءَ جو پـــيغامُ
چـــمي اکـــين تي مـــون رکيو نرمل سندو نامُ
پـــڙهايائـــين اچي پيـــار مان ســـرها هي سلام
خبر نہ پوندي عام، علي مدد سور بنا سهڻي جي

سيد علي مدد شاهہ جي ڪلام جي پنهنجو خوشبوءِ آهي ڪيس پنهنجو هڳاءَ آهي جيڪو صوفي مزاج ۽ عاشق مزاج ماڻهن جي دلين کي معطر ڪري ٿو. مونکي اميد آهي تہ سندس ڪلام ادبي حلقن ۾ خاص ڪري صوفياڻي فڪر جي پيروڪارن وٽ ضرور مڃتا ماڻيندو. آخر ۾ آئون پنهنجي پياري دوست صوفي فقير خادم ڏهوٽ ۽ سندس پبليڪيشن هم اوست جي سموري سٽ کي دلي واڌايون ڏيان ٿو جن سيد علي مدد شاهہ جي شخصيت ۽ شاعري تي ڪتاب شايع ڪرائي عوام تائين پهچايو سندن اهڙن ادبي ڪمن ڪرڻ لاءِ هميشہ آجيان ڪندو رهندس.

_ خاوند ڏنو لاڙڪ

شاه جو سنديس

سنڌ ۾ ڪافي صوفي بزرگ ٿي گذريا آهن ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي ۽ انشاالله جاري رهندو. انهن مان هڪ اهڙو صوفي بزرگ جنهن جو تعلق سادات گهراڻي جيلاني خاندان سان آهي. اهي بزرگ چوڏهين صديءَ جو ڪامل ولي الله، فنا في شيخ، فنا في الرسول، فنا في الله ۽ بقا باالله جا منزل الرسيد آهن. پاڻ حافظ القرآن، عارف باالله، صوفي القادري سيد علي محمد شاهہ جيلاني جي نالي سان مشهور آهن.

سيد علي محمد شاهہ جيلاني جن جو شجرو غوث الاعظم، سيد عبدالقادري جيلاني قدس سره عليہ کان ٿيندو امام الاول، دين پرور، گوهر صفدر، اسد الله، حيدر قرار، امير المومنين ابو تراب حضرت مولىٰ علي مشڪل ڪشا رضي الله تعالىٰ عنہ کان سرور ڪونين، نبي الحرمين، امام قبلتين، سالار الانبياءُ، امام المرسلين، نبي الحرمين، الاهي حضور اڪرم محمد صلي الله عليہ والہ وسلم جن جي ذات اقدس سان آهي. سيد علي مدد شاهہ جيلاني جن 1947ع ۾ ڳوٺ ڏانورو لڳ ٽنڊو نظرعلي تعلقہ ضلع خيرپور ۾ سيد ولي محمد شاهہ جيلاني ولد سيد علي محمد شاهہ جيلاني جي گهر ۾ تولد ٿيا. پاڻ ڄمندي ئي ڄام هئا. شڪل شبيه جي بيهڪ سندن ڏاڏي محبوب سجاني قطب رباني سيد عبدالقادر جيلاني سان ملندڙ جلندڙ هئي. پاڻ ايڏا تہ حسين و جميل هئا جو جنهن ڏانهن بہ هڪ نظر ڦيرايائون تہ اهو گويا مجنون مثل ٿي ويو.

سيد علي مدد شاهہ جيلاني رح طبيعت جي حوالي سان تمام خوش خلق، محبتي، انسان دوست، محبت جا مشتاق، ننڍن توڙي وڏن سان پيار، محبت، ادب، احترام، پر خلوص ۽ اعليٰ فضيلت جو درجو رکندڙ هئا- ننڍپڻ ۾ نهايت مانيٽي طبيعت رکندڙ هئا. والدين جي ادب جي حوالي سان انتهائي نهنائيءَ وارا ۽ سدائين حڪم جي انتظار ۾ رهندڙ هئا. ادب جو مقام ايتري قدر هيو جو پنهنجي والد جي حڪم مطابق پنهنجي وڏي ڀاءُ سيد علي محمد شاهہ (دوم) جا قادري سلسلي ۾ دست بعيت طالب ٿيا. جيئن سندن عمر جوانيءَ طرف مائل ٿي تہ سندن عشق و محبت جو مقام بہ وسيع ٿيندو ويو. ايتري قدر جو عشق ۽ محبت جو اظهار شاعريءَ جي صورت ۾ شروع ڪيائون- ڪلام ۾ ڪافيون، مداحون، صدائون ۽ منقبت چيل آهن.

سيد علي مدد شاهہ جيلاني جن عمر جو ڪجهہ حصو گذرڻ بعد اصل ڳوٺ ڏانورو، لڳ ٽنڊو نظر علي کي ڇڏي، اچي ڳوٺ قادن ميتلو لڳ مهيسر وڏا، تعلقہ ڪنگري ضلع خيرپور ۾ رهائش اختيار ڪيائون ۽ سندن زندگيءَ جي پڄاڻي بہ اتي ئي ٿي. هينئر سندن درگاهہ سيد علي مدد شاهہ جيلاني جي نالي سان مشهور آهي.

سيد علي مدد شاهہ جيلاني سائين جن جي جڏهن وفات ٿي تہ ٻهرين ڳوٺ ڏانورو مان سندن ڀائٽيو سيد ولي محمد شاهہ جيلاني ۽ ٻيا مريد چوڻ لڳا تہ اسان سائين جن کي هتي دفن ڪرڻ نہ ڏينداسون. جنهن تي تمام پير مريد ڪنا ٿيا ۽ معاملو جهيڙي جي صورت اختيار ڪري ويو. جنهن ۾ سائين جي صوفي فقير امير بخش ۽ ان علائقي جي امير معزز شخص ڄام ثناءُ الله مهيسر جن چيو تہ جيڪڏهن توهان سائين جن کي هتي نہ رکندا تہ اسين سندن تڪيو ٿا ناهيون، ڇو جو سائين جن جي اسان کي وصيعت ۽ حڪم ڪيو هو تہ "مون کي هتي ئي دفن ڪجو ڇاڪاڻ تہ منهنجا نينگر معصوم آهن ۽ انهن سان هر وقت ٻانهن ٻيلي رهجو"- مريدن ۽ ڳوٺ وارن گڏجي موجوده جڳهہ تي سائين جن جي تڪيو ناهڻ شروع ڪيو. جڏهن سائين جن جو ڀائٽيو ۽ ٻيا جنازو کڻي هلڻ لڳا. بس تقريبن سو فٽ جي مفاصلي تي ئي نہ پهتا تہ جنازي جي کٽ کي جن بہ ماڻهن ڪلهو ڏنو تن جي ڪلهن تي ايترو تہ وزن پئجي ويو جو انهن کي مجبور ٿي جنازو لاهڻو پيو ۽ سائين جن جو جنازو لاهي سندن ڀائٽي سيد ولي محمد شاهہ جيلاني سائين جن جو رايو معلوم ڪرڻ لاءِ

منهن مبارڪ ڪوليو- جڏهن سائين جن جو منهن مبارڪ ڪليو ته سائين جن پنهنجون اکيون مبارڪ ڪوليون ۽ ڪنڌ مبارڪ کي ساڄي ڪاٻي ۽ ڪاٻي کان ساڄي طرف ڏوڏيائون ته سندن ڀائٽيو سيد ولي محمد شاھ جيلاني جن سمجهي ويا ۽ سيني مريدن، عزيزن کي چيائون ته چاچا سائين جن جو رايو هتي رهڻ جو آهي. تنهن ڪري سندن هتي (موجوده جڳه) تي تدفين ڪئي وئي، ائين ئي ٿيو.

اسين فقير سائين ڊاڪٽر خادم حسين ڏهوٽ جن جا ٿورائتا آهيون جن فقير سيد علي مدد شاھ جيلاني جن جو ڪلام سهيڙي، مرتب ڪري منظرعام تي آندو- درگاھ جي جمله جماعت فقرا سندن قرب جا قرضي آهن ۽ دعا گو آهن ته فقير سائين جن کي الله پاڪ وڌيڪ همت ڏي، جئين هن نيڪ سفر ۾ آساني ٿئي-

_ فقيرسيد موج علي شاھ جيلاني صوفي القادري

سجاده نشين

درگاھ سيد علي مدد شاھ جيلاني

فقير سيد علي مدد شاھ جيلاني صوفي القادري

(1947 – 1982)

فقير سيد علي مدد شاھ جن جي تربت پاڪ تي سجادہ نشين
سيد موج علي شاھ فرزند فقير سيد علي مدد شاھ (کابي طرف اول)
فقرا سان فاتحہ پڙھندي.

ڪافيون

ڪافي نمبر 1

ٿلهہ: ڏس ڏي مون کي ڪانگل، قاصد پرين ڪيئن اچي پرچندو،
راٺو ڪيئن اچي ريجهندو.

1. منٿون گهٽيئي ميڙون ڪيم، توبه سنديون تسبيون پڙهيم،
لکين ڪڍيا مون لانگها، سڄڻ ڪڏهن اچي سار لهندو.

2. نوڙت واريون نمازون پڙهيم، راتيان ڏيهان روزا رکيم،
برهہ ٻٽيا سي بانگا، قرب ڪري ڪڏهن ايندو.

3. بيمار ٿي ڪري طبيب پڇايم، فراق سندا ڦٽ چڪايم،
لاٿم سر سندا سانگا، محب ڪيئن اچي ملم رکندو.

4. علي مدد شاهہ ڪيم هيلو، موليٰ ڪندو محب سان ميلو،
اسين جهانگي آهيون جهانگا، عجيب ڪيئن اڱڻ تي ايندو.

-

ڪافي نمبر 2

ٿلهه: خبر لهه تون خاطي ڪڏهن ياد ايندو.
سورن جون ڳالهيون ويهي وندبيندو.

1. ويون سيئي واهون ڪيون دلڙي دانهون،
ڪري قربئون ڪاهون، غمڙا ڪٽيندو.

2. ڪيم برهه باني ٿي دلڙي ديوان،
مون ڪان يار جاني جدا ڪيئن جاليندو.

3. ڦاٿو ساهه هڪ ۾، جيڪو آهه لڪ ۾،
سهڻي جي سڪ ۾ وتي جگر جلندو.

4. علي مدد شاهه جو ساري جنهن کي ساهه ٿو
آئيندو الله سو ورتيون نال نيندو.

-

ڪافي نمبر 3

ٿلهہ: اسين آيا آهيون مهمان رات هڪڙي رهنداسين صبح وطن وينداسون.

1. جيڪي آهي دل ۾ دلبر، ٻئي ڪنهن کي ڪهڙي خبر، سورن جو آ سامان، سور نہ ڪنهن کي سليندا سين.

2. اوهان سيني جا طعنا مهڻا آهن، اسان کي سرتي سهڻا آهن، ڪهڙو ڪريون بيان، ڏوراپو نہ ڪنهن کي ڏيداسين.

3. اسان عاشق تي ڪري آزيون ڪيون، توڙين سوين لکين نيازيون ڪيون، آهي ڏاڍو ارمان، ڏک نہ ڪنهن کي ڏينداسين.

4. علي مدد شاهہ اڇا هياسين، صافن صاف صفا ٿياسين، ڪونهي ڪوئي گمان، وري هتڙي ايندا سين.

―

ڪافي نمبر 4

ٽلهه: ديسي دلبر جا ڏي خبر، ڪڏهن ايندو هت دلبر،

1. خوشيءَ جي ڏي تون خوش خبري، مان ياد آهيان وئي آهيان وسري،
توکي ڏسي منهنجي دل ٺري، حال ٻڌاءِ کولي اندر.

2. ووڙي ڪيون مون وڏو وس، موٽي آندو توکي مس،
کهڙو هيو تن جو گذرُ

3. واٽ نهاري هنجون هاريان، ساجن ساري پرين پڪاريان،
ويو وساري ڪيئن مان وساريان، مهر جي ڪندو مون تي نظر.

4. پيو علي مدد شاهه سهڻي جي سام، نيڻن لڳي آهه ننڊ حرام ،
طلب پرين جي آهه تمام، پنهنجو ڪندوپرين پرور.

–

ڪافي نمبر 5

ٿلهه: لڪي لعلڻ ليئڙو پائي ويو.
مون کي ماري مست ٻڻائي ويو.

1. سيني ۾ ٻاري باهه برهه جي،
جيءُ ۾ جوش جلائي ويو.

2. ڏک گهڻا هئا ڏيل منهنجي ۾،
ويتر سور وڌائي ويو.

3. ارمان اندر ۾ آهي، اهو ئي.
ڏسي روئيندو ڪين ڪلائي ويو.

4. علي مدد شاهه ٻگول ٻگوٺن ۾،
جيڪي پرين پاڻ پسائي ويو.

–

ڪافي نمبر 6

ٿلهه: واهه جانب جي جواني، ڏسي دل منهنجي ٿئي ديواني.

1. اکيون دلبر جون الله رکيون، مام مارڻ جي ڪنهن ڪئون سکيون،
بازن ڪئون وڏ آهن بکيون، ماري ماس کائن حيواني.

2. ساري سهڻي جي سهڻي صورت، محب جي ڪئي مون من ۾ مورت،
مون کي ماري ڪئي پرينءَ پورت، جادو هڻي ويو مون کي جاني.

3. هوت جو حسن هيبت هيڙو، ببر شينهن جي دهشت جهڙو،
حيران مون کي حشمت ڪيڙو، مٿ نه پائينيان سهڻي جي ثاني.

4. علي مدد شاهه عاشق ٿيئڙو، سيني اوهين شڪ نه ڪيڙو،
لعلڻ پاتو لاشڪ ليئڙو، برهه ڪيو مون سر جو باني.

—

ڪافي نمبر 7

ٿلهہ: قسمت سانگي سير ڪرايو پرين آءٌ تون خير ڪٽي،
فقير گهرن ٿا پنج ڪٽي.

1. سئن هنئي سي حق ٻولائي، در در آيا آهيون پرين جي ڳائي.
مرلين سندا لهرا وڄائي، نانگ نچائي منجهہ ٽبٽي.

2. آهي الله، الله هي الله، ڪري آيا آهيون وڪڙ ولا،
خير آٽي ڏي تون پلا، جيڪي ڏيئن ڪري دل گهٽي.

3. آيا آهيون الله والي، منهن ڏسڻ جا آهيون سوالي،
مور نہ ويندا سين ڪڏهن خالي، در تي بيٺا آهيون دم هٽي.

4. آيا آهيون، عشق جي انڌ ۾، ساز سينگاري پائي ڪنڌ ۾،
سنبري هليا آهيون، پرين لئہ پنڌ ۾، ريت اسان کي اها وٽي.

5. ناد نفيلون دهل دنبورا، چمٽا چپڙيون جوڳين جنبورا،
ڪپڙا ڪئي گيڙو گنبوڙا، سورن سندي اسان تند تٽي.

6. علي مدد شاهہ آهيون گداگر، سورن سندا اسين سپئي سوداگر،
پيار پرين تنهنجي ڪيو پيناگر، نڪري آءٌ تون نالي ڏٽي.

-

ڪافي نمبر 8

ٿلهه: عشق آهي شهباز جنهنجي سامهون ڇوهئون ڇتي ٿو.
جلدي وجي جان ڇهتي ٿو.

1. سورهيہ جيڪي سامهون آيا، سي ڇئبن ۾ چاهئون چايا،
گهور ڪري تنهن گهتي گهمايا، ماس هڏن جو پڪڙي پٽي ٿو.

2. بکيو ٿي ٿو بيهي جڏهن، تمام ڪري ٿو تڪڙ تڏهن،
ڪو نہ مڙندو ڪنهن کان ڪڏهن، قتل ڪري ٿو سر ڪٽي ٿو.

3. ڪري جن تي گهٽي گهور، ڪين ڇڏيندو تن کي مور،
پلي اچين سر جو سور، هرگز ڪين هٽي ٿو.

4. علي مدد جي باب بٽي، چنبو هٽي ويو دل ڪٽي،
راهہ ويندي حاجيون هٽي، سوگهو ڪنهن ڪين ٽئي ٿو.

–

ڪافي نمبر 9

تلھ: دڳ ويندي مون دل فاسائي، راھ ۾ ڏٺو مون رانول،
يار اڏيون بيٺو ھو وچ تي چار.

1. ناز منجھارئون نيڻ ڪٽي، ويو دنالن جا تير ھٽي،
اوچتو اڙائي ويو اکُ جي اٽي، ڪيون بيٺو ھو اکيون تيار.

2. اڳ نہ ھيو منھنجو واقف سھي، راھ رانول پيو تھڙي رھي.
ھڪ مست جواني چوٽ وھي، پيو سھٽي ڪي ھيو پيار.

3. پيچ پرين جو پائي ويو، نينھن پرين مونسان لائي ويو،
مون کي مست بنائي ويو، ڪري پنھنجو پيار.

4. علي مدد شاھ سامھون آيو، ماريءَ مارڻ جو ڪيو سعيو،
چوھو چڪي ڪٽي فوروءَ فاسايو ڪيون سوگھو ويو مون سرڪار.

–

ڪافي نمبر 10

ٿلهه: واٽ ويندڙ تون پرين کي چئجان هيڪر اچ تون هٿ هلي،
مون سان وچ تون محب ملي.

1. سورن آهي جان جلائي تن اندر ۾ تابش لائي،
منهنجي بچڻ جي واهه نه ڪائي، ديدار ڏي تون دوست دلي.

2. سعيو ڪري تون سهڻي ڏي وڃجانءِ، حال حبيب کي پيش ڪجانءِ،
ڏکيو ڏوراپو ڏسي ڏجان، جيڪا توسان مون ڳالهه سلي.

3. قربئون وچ تون قاصد ڪاهي، جتڙي وارث وينو آهي،
ڏجانءِ نياپو ٿاهي ٿاهي، بات سموري ڪجانءِ پلي.

4. علي مدد شاهه وصل جو واسي، پرين سندو آهي پياسي،
سورن ڪيو آهي مون کي سناسي، دردر پنان ڳوٺ ڳلي.

ڪافي نمبر 11

ٽلھ: اڄ ھر ڪو ڳڏجي عيد ڪري پيو مون کي پيڙو پرينءَ جو پور،
جاڳيو اندر ۾ سڄو سور.

1. مبارڪون ڏين ياڪر پائي، عيد ڪائن ونڊي ورھائي،
مونکي ڪير ڪارائي ڪير اڄي ڪائي، دلبر ڪري ويو مونکي دور.

2. سپوئي ڳڏجي گهمن پيا ھٿ ھٿن ۾ ڪلي ڏين پيا،
منهن جي نيڻن مئون نير وهن پيا، اڪيون روئن ڪئون مٽن نہ مور.

3. خوشي منجهارون خوش ٿي نڪتا، پيچ پرين جا پائي نڪتا،
پيار پريم جا ڪن پيا گفتا، محبت پنهنجي ۾ ٿي مخمور.

4. عيد سيئن ڪئي رهيو نہ ڪوئي، علي مدد وينو روئي،
پائي ميرا ڪپڙا قاتل لوئي، چٽ منهنجو ٿيو سارو چور.

–

ڪافي نمبر 12

ٿلهه: اکيون منهنجون ڪڪريون يار- پريون بيٺيون هن تارئون تار،
روئن پيون سي زارئون زار.

1. مُند پنهنجي مينهن وسن، منهنجون اکيون هردم روئن،
جهليان گهڻو ئي بس نہ ڪن، ٿمڻ سندي ڪن پيون ڪار.

2. جيئن گوڙيون ڪري ڪڪر چڙهن، تين پار پرين مون ڪري ڪڙهن،
تار هي تنهن ۾ لڙهن سي برهہ واريون هر بار.

3. جهڙ جون ڪڪريون گڙي اٿيون، سي بس نہ ڪن محبت منيون،
ڪاڏي وڃن جيڪي قاتل ڪنيون، سي هنجون هارن هر وار.

4. علي مدد جون اکيون، اڙيون، قابو ڪيم سهٽي ڪڙيون،
اجون بکيون سمجهن نہ سڙيون، ڏکيون ڏسي پرين جي پار.

-

ڪافي نمبر 13

ٿلهه: عاشق وڃن پيا اوڏهين جتي ڏينهن نہ آهي راتڙي،
پيو برهہ وسي برساتڙي.

1. گلا غيبت پائي ڪنڌ ۾ پاڻ وڃائيون پرين لئہ پنڌ ۾،
علیل ٿيا سي عشق جي انڌ ۾، ڪن برهہ سندي پيا باتڙي،

2. چاهہ منجهارئون ٿيا چريا، آڙاهہ عشق جا ڏنائون ٻريا،
منجهہ مچ ۾ ڪاهي ڪريا، چرڪي نہ تنين جي ڇاتڙي.

3. سور سيني جن سنا، مور نہ مڙيا محبت مُنا،
ڪاهي وڃي سي قربئون ڪنا، ٻي وائي ڪيئون نہ واتڙي.

4. علي مدد شاهہ تون ٻہ وڄ، سور سيوئي سر تي سڄ،
سوري چڙهڻ جي سواري مڄ، ڪنڌ تي ويهي پئي ڪاتڙي.

–

ڪافي نمبر 14

ٿلهه: پارت هجي توکي پرين پيارا، مون اصلئون آهيان اُٽاري،
سڀِ گهڻڻ جي مون کي تياري.

1. ساهه ۾ سڪ جو سعيو ڪري، توڪل جو ترهو سيني ڏري،
وينديس ڪاهي ڪشالو ڪري، هيڪر وينديس هڪواري.

2. موج مهراڻ ڪري ٿو مستي، وڃائي ٿو دل سندي هستي،
وينديس ضرور جتي ورجي وستي، مونکي برهه لڳو آ باري.

3. گهير انهي ۾ گهرنديس مان، تار تانگهي مؤن ترنديس مان،
مور نه مڙان توڙي مڙنديس مان، پلي جان وڃي جند ساري.

4. علي مدد شاهه دير نه ڪر، دهشتي درياءَ ۾ جلدي گهر،
ساهه سارو ڪر صدقي سر، گهڙڻي نه وِجهه هڪ گهاري.

–

ڪافي نمبر 15

ٿلهه: ساري سرت وڄائي منهن جي سور،
مون کي عشق ڪيو اڻ چاڙ.

1. پرين پراهون ويو هليو، مونسان سور سڄڻ جو ڪنهن نہ سليو.
ٿيو دلبر اکين کان دور.

2. بيقراري ساهہ اندر ۾، روئا رڙان مون پئي رندن ۾،
ٿيس جان منجهارؤن چور.

3. مون وائي سهڻي جي آهہ وات، ٻئي برهہ وڃائي ساري بات،
پوي پلپل پرين جو پور.

4. مورر نہ هنڙي ويهندس مان، ڳولي پرين کي لهندس مان،
مون ڪين مڙندس مور.

5. علي مدد شاهہ ويندس ڪاهي، جتي ور منهنجو ويٺو آهي.
ظاهر باطن مون ضرور.

–

ڪافي نمبر 16

ٿلهه: هڪ روپوش ٿي آيو اڄ رات، ڏاڙو ڪري ويو منهنجي دل ڪٽي،

1. سورهيه آيو ستي لوڪ، ناز مان ڏنائين نيڻن جي نوڪ،
سياڻو ٿي آيو ڪري سات.

2. اوچتو ڏيڪاري اک جي اٽي، حوصلو وڃائي ويو حاجون هٽي،
زوري هئي تنهن جي ذات.

3. دل جا ڏنائين دل کي دڙڪا، خوني خنجر جا ڪيا ڪڙڪا،
زلف زهريلا وجهي وات.

4. داروئوءَ جي پري آيو دنالي، مور نه ڇڏيائين ڪامن جي مالي،
سوگهي ڪيائين منهنجي سوغات.

5. علي مدد شاهه ڪري پيو آنهون، درد پريون دل لئه دانهون،
اوکي اندر جي تن ۾ تات.

_

كافي نمبر 17

سرائيڪي

ٿلهہ: هيڪر آوين سھڻا هيڏي، سڄ سور اندر دي ميڏي،
جيڪي طرف ملي هن تيڏي.

1. اڳڻ تي آوين سھڻا سائنيان، مين ڏيوان تيڪون جيءَ چہ جائيان،
سور سارا مين سڀ سٽايان، جانب توئي جيڏي.

2. جوشان ۾ پئي جان جلدي، بدن ميڏي وچ باهہ ٻلندي،
دلبر مين هان درد مندي، شال درد نہ آوي ڪنھن ڏي.

3. سھنجا ڏيوين، ميڪون سور، چاءِ نہ سگھندي مين ها چور،
جيڪي پلپل دي هن، ميڪون نہ ڏيوين ايڏي.

4. علي مدد شاهہ جي اڱڻ آوين، پيارا پر ڪري پيرڙا پاوين،
جي چاهہ منجھارئون ميڪون چائين، تيڏا قرب پائنيان مين ڪيڏي

–

ڪافي نمبر 18

ٿلهه: آڌي رات اچي منهنجي چور ڪري ويو چوري،
منهنجي دل ڪٽي ويو زوران زوري.

1. ڪا اڙ ڏنائين ايندي آٽ، جهٽڪو ڏئي ويو جلدي جهاٽ،
جيءَ ۾ لائي ويو مون کي جهوري.

2. هيڪل هيس هڪ جٽي، ويجهو نہ هيو منهنجو ڏٽي،
واهر نہ ٿيو ڪو وانگي وٽي، بند ڪري ويو بنائي پوري.

3. پرين پياري لئہ ڪشالو ڪشالو ڪهندس، دل پنهنجي ۾ ووڙي لهندس،
سور سيئي سر تي سهندس، جان پنهنجي مون جيئري گهوري.

4. ڳالهہ علي مدد ڪري ڪيهي، پاڻ هليو ويو پرين پيهي.
خالي ڪري ويو منهنجي ديهي، اور نہ ڪنهن سان مون اوري.

–

ڪافي نمبر 19

ٿلهه: قادر آهي رب قهار، جنهن ڇني ڪيو آ، مون کي ڌار،
محب کي ڏيان ڪهڙي معيار.

1. پيدا نہ ڪري ها مون کي خدا، ڇو ٿيان هان جيئري جدا،
يار ڪري ويو الوداع، اچي هوت مون سان هڪ وار.

2. برائي پائيان پنهنجا ڀاڳ، دلبر ڏنا جيڪي دل کي داڳ،
ويئي جهاڳيان سورن جي جهاڳ، ڳڻتن ڪيا هن اندر ڳار.

3. سربَ ۾ آيس سڪ نہ سنبران، ڏهاڙي ويئي ڏک ۾ ڏران،
پرين بنان مون پڇان پڇران، نيڻن منهنجي وهن پيا نار.

4. علي مدد شاهہ لکيو ڇنيءَ، قسمت هئي ڪا منهنجي مٺي،
اميد اٿم شال ڪندو ڪٺي، پنهنجو ڏئي پرين پيار.

–

ڪافي نمبر 20

ٿلهه: مون وٽ ٿي مهمان سور آيا آهن سوا گهڙي،
سيئي گڏجي مڙي سِڙي.

1. جدائيءَ جو پيار جانب جام، نيڻن لڳي وئي ننڊ حرام،
سگهو ڏنو اچي سورن سلام، لاڙو ڪري لوڪئن لڙي.

2. سنبري آيا سيئي ڪاهي، لاڳاپا سي لاهي پاهي،
جاءِ ڏني مون جيءَ ۾ ٿاهي، خدمت ڪيان مون ٿي ڪڙي.

3. بيوس آيا بيحد بڪيا، سي چمي اکين تي مون رکيا،
سور ڪيا مون سپ سڪيا، گهوري پنهنجي جند جانڙي.

4. دوست آهن، دلبرسندا، مڙئي ناهن منهنجا مندا،
قرب شال پنهنجو ڪندا، اوکي نہ وجهندا مون اڙي.

5. سهڻو جڏهن سامهون ايندو، محب تن کي موڪل ڏيندو،
چني نہ مون وٽ هڪ چڏيندو، ڪلئي ڪيندو ڪاپڙي.

6. علي مدد شاهہ ٿاهہ نہ ٿاهيو، نيهن سورن سنو نپايو،
سجڻ اچي جڏهن ساهيو، تہ چڏي ويندا ڪري چڙي.

–

ڪافي نمبر 21

ٿلهہ: ميڙ ٿي هلو مونسان مڙي، مونکي پرين ڏيو پرچائي،
مونکي راڄو ڏيو ريجهائي.

1. اوهان کي ڪئي آ مون آزي، گڏجي هلو مونسان غازي،
راڄو ڪري ڏيو مون کي راضي، پانڌ ٻڃي ٻل پائي.

2. سيئي هلو سورن وارا، وجهي ٻچيءَ ۾ مون کي ٻارا،
ڏوهہ سيئي مون ڏي سارا، ڏيو برهہ وارا بخشائي.

3. مهرباني ڪري هلو ڪاهي، ويهي رهڻ واجب ناهي،
منهن مڙوئي مون ڏي آهي، مون کي ڏيو معافي منگائي.

4. علي مدد شاهہ سور سهڻ، ڪم آ منهنجو ڪشالو ڪهڻ،
هيڪل مون کي هت رهڻ، جاني بنا نہ جڳائي.

ڪافي نمبر 22

ٿلهه: منهنجو عشق وڃايو حجاب، لڄ شرم سڀ پرم هليو ويو.

1. ٿي پيرين اگهاڙي راهه رلان پئي، جدا جانب ڪئون جيءَ ۾ جلان پئي،
آٽي اکين مون آب.

2. بيحد بيوس ٿي هان بڇڙي، لوري لڳي منهنجي لڱن کي لچڙي،
پڇي ٿيس مون ڪباب.

3. خلق ساريءَ ۾ ڪري خوار، سور اچي ٿيا سر تي سوار،
خوب ڪيو آ تن خراب.

4. علي مدد شاهه خبر نہ ڪائي، سورن ساري منهنجي سرت وڃائي،
تن تکو ڏيکاري تاب.

ڪافي نمبر 23

ٿلهہ: سورن سيڻ جو آهيان سردار، سور سڀ آهن، منهنجا سلامي،

1. سور سيوئي منهنجا ڄايا، جهوليءَ پائي مون نيايا،
سرت ۾ جڏهن سيي، دم نہ رهن مون کان ڌار.

2. سور سيئي ڪن صلاحون، اوکيون اچي مون وٽ آنهون
درد پريون سي دلي دانهون، پر تئون اچي ڪن پڪار.

3. سور جيڪي اچن ڪاهي، سک منجهان مون کي ساهي،
غم تن جو چڙيان لاهي، تازو ڪري تن تيار.

4. سورن سيڻ جو آهيان وڏو، مون وٽ تن جو آهي اڏو،
وچايو اٿم تن لئہ تڏو، جيڪي اچن ڪٽي آزار.

5. پور علي مدد آهيان پاڻ، سور سيئي سيني ساڻ،
ڪو نہ ڪيان تن جي ڪاڻ، اهي آهن منهنجي آڌار.

–

ڪافي نمبر 24

ٿلهه: اڄ سور پيڄي ويا سارا، مون سان پرين ڏنائون پيار ڪندي،

1. جانب اچي پاتي جهاتي، ظاهر صاف هليا ويا ذاتي،
نينهن جا ٻڌائون نعرا.

2. گهوٽ آيو جنهن گهڙي، سور ويا سي مڙي سڙي،
هوت سدا ٻڌي هوڪارا.

3. سهڻو ڏنائون مونسان ساڻ، هڪدم هليا ويا پنهنجوپاڻ،
ڇو هو ڇڏي ويچارا.

4. علي مدد شاهه عجيب آيو، ڇو هو اچي جنهن ڇڏايو،
هنيئر يا ڪي آهيون يارا.

ڪافي نمبر 25

ٿلهه: ڏاڍي ڪري ويا ڏير ڏاڍائي، ويل ويڇوڙي جي اديون آئي،

1. مون وٽ آيا مُنا مهمان، ڪل ڏنائون مون کي ڪا نہ،
دل ۾ هئي ڪا تن دعائي.

2. ظالم وينا ظلم ڪري، پنهل نيائون مون کان پري،
جت ڪري ويا مون جدائي.

3. هيڪل هت ويهڻو ناهي، ڪشالو مون کي کهڻو آهي،
اچي سائين ڪندو مون سڻائي،

4. ڏاهيون مون کي ڏس ڏيو، پنهل کهڙي گس ويو،
واٽ آهي مون کان وڃائي.

5. علي مدد شاهہ ڪرتون سکيو، سفر سامهون سرتي آيو،
پرين ڪري ويو مون کي پرائي.

_

ڪافي نمبر 26

ٿلهه: سگهو ور سردار ساڃي ٿي سگهه ۾،
توکي ڪيم پڪار سڏ ڏي تون يار، آهيان تنهنجي آڌار.

1. بچاءِ بلائن کئون، سائين مون سرڪار.
2. هڪدم اچي حامي ٿيءُ، هوت مونسان هڪوار.
3. ڏکن سندي ڏاڍ جو انت ناهي شمار.
4. گناهن جي غذب کان، معافي ڏي منٺار.
5. سور منهنجي سيني ۾، آهن سو هزار.
6. پناهه سندو پردو تون، پرين مون ڏيار.
7. بيوس بيحد مون، ڪونهي ڪو قرار.
8. ڪيئي ڪچايون مون ۾، آهن عيب اپارَ.
9. توبه زاري مون ڪئي، اندر مون اجار.
10. علي مدد جو لاهه اچي، اوکو هي آزار.

–

ڪافي نمبر 27

ٿلهه: پنهل ڪٺي ويا ظالم زوري، ناحق ڪري ويا مون ندوري.

1. ٽولو آيو پيا رات ٽڪي، لعلڻ وٺي ويا لوڪئن لڪي،
چورن وانگر ويا ڪري چوري.

2. پنهل جا هئا سڳا ڀاءُ، جيڪي ڪري ويا مونسان داءُ.
ڪنوار نہ ڀانئيون مون کي ڪوري.

3. ڏاها ٿي آيا چڙهي ڏاگهن، پنهل ڪڙي ويا وانگي واڳن،
ڏاڍي ڪاتن جي ڏوري.

4. مال انن جو سڀ مري، جيڪي ڪري ويا پنڌ پري،
ڳالهه اچي پئي مون کي ڳوري.

5. علي مدد شاهه هٿان پئي، ڏوهه نہ ڏيرن ويهان ڏيئي،
مون ٿند نہ تن جي سنجهي سوري.

ڪافي نمبر 28

ٿلهه: اديو جهليو ٿيون اجايو مور نہ هٽڙي ويهندس مان،
وجي لعلڻ پنهنجي کي لهندس مان.

1. جت ويا مون سان جاڙ ڪري، پنهل ويا اٿم رات ڦري،
ساحت نہ هيڪل منهنجي سري، مان پوبان تن جي ويندس مان،

2. ننڊ منڊي ويا جادو هٽي، خبر نہ پئي ويا خان ڪٽي،
ڏوڀڻ جو هت ڪونهي ڏٽي، مون ووڙي ور ڏي ويندس مان.

3. قادر وجهي تن تي قهر جيڪي ويهڻ ڪري ويا منهنجو زهر،
ور بنا پانئيان سچ شهر، جا باهہ پنيور کي ڏيندس مان.

4. اوهين سرتيون سيئي بيهو اتي، مون سور پرايو رات ستي،
مان ڪاهي ويندس جانب جتي، وجي پيش پرين جي پوندس مان.

5. علي مدد شاهہ ڪامَ جهلي، نڪا مون سان ڪائي ساڻ هلي،
اوهين گلا غيبت ڪيو پلي، اهو سور سيئي سهندس مان.

–

ڪافي نمبر 29

ٿلهه: ٿي سناسي فقير، ديس ڇڏي پرديس تي آيس.

1. جوءِ گهمڻ لئہ آيس جائي، گهور حسن جي دلڙي گهائي،
تيز هٽي ڪي تير.

2. ڇڏي ڏني سي پنهنجي بادشاهي، در در جي ٿا ڪريو گدائي،
نيٽين وهائي نير.

3. علي مدد شاهہ آهيو اداسي، پرين پسڻ جا آهيون پياسي،
عشق ڪيو آ اسير.

ڪافي نمبر 30

ٿلهه: جن لئه سڪي منهنجو ساهه، تن سان ڪيا شال روح رهاڻيون،

1. هڪ لوها زنجير پيو هڪلو حشمت، قيد بنايو مون کي آهه قسمت، اندر ۾ پري آڙاهه.

2. مولا پيچ تون قيد جون ڪڙيون، جان منهنجي جيڪي آهن جڙيون، ڪائي ناهي بي ڪا واهه.

3. قسمت مون کي هتڙي آندو، من جنين لئه ٿيو آهي ماندو، سي ملائيندو الله.

4. علي مدد شاهه منهنجي ڪندو، قيد خاني مان مون کي ڪڍندو، رويون نهاريان راهه.

–

ڪافي نمبر 32

ٿلهہ: پاڻ منجهان نظر آيو نور نوراني، حق حقاني.

1. قرآن پڙهندي خبر نہ ڪائي، نماز مون کي ڀُل ڀلائي.
وحدت جو ڪيم وايو.

2. روزن منجهان ڪجهہ نہ ڄاتم، حرام ڪائي صحيح سڃاتم،
ڇڏي نفسي رايو.

3. علي مدد شاهہ ڏني آگاهي، آدم آهي سر الاهي،
بشري آهي ڪايو.

ڪافي نمبر 33

ٿلھ: درشن ڪيو مون پاڪ جو من منھنجو مشتاق ٿيو.

1. خاڪي پردو لڪ هيو، احد احمد هڪ هيو،
تنهن ۾ نہ ڪو ئي شڪ هيو مالڪ آ لولاڪ جو.

2. خيال ويو منھنجو چڙهي، جتي ڏينهن هو نہ راتڙي،
تفاوت هئي نہ هڪ ذري، سائين وچون چاڪ ٿيو.

3. وندر جي جيڪا وٽ هئي، چوهون چئي تنهن ۾ چاٽ هئي،
نور جي ساري لاٽ هئي، علي مدد هو شناڪ ٿيو.

–

ڪافي نمبر 34

ٿلهه: ڪير آهي آدم الا، آدم کي تون سمجھ پيارا.

1. آدم جڏهن پيدا ٿيئڙو، ملڪن ان جو سجدو ڪيڙو،
رب جو هيو تہ حڪم.

2. آدم جڏهن بهشت ۾ آيو، داڻو ڪائي پاڻ لڏايو،
ڪهڙي آيو هٿ ڪم.

3. آدم جو ڪيو موليٰ شان، شاهد آهي رب جو قرآن،
پنهنجو ڦوڪيو اٿئين دم.

4. علي مدد شاهہ ڪولي ٻڌايو، الانساني اولي آيو،
ٻيا خيال آهن تہ ختم.

—

ڪافي نمبر 35

تلھ: ھل تہ ھلئون ٿا وطن پنھنجي تي،
ھت اسان جو ڇاھي.

1. جيڪو آھي ديس اسان جو
ھلئون ٿا اوڏھين ڪاھي.

2. سنگتي نہ ساٿي ساڻ ھلي ٿو
ھيڪل ھلڻو آھي.

3. ديس پرائو ويس پرائو
ڪجھ بہ ھتڙي ناھي.

4. علي مدد شاھ مام انھي ۾
سڏڪيون بيٺو ساھي.

ڪافي نمبر 36

ٿلهه: ويهي اديون نہ وقت وڃايو هر ڪا پنهنجي ڪار ڪري،
مان آئي آهيان عشق اري،

1. چرخو چلائي ور ريجهايو ڏک ڏئي سک سجايو
سرتيون مون آ سٽ منجهايو ڏک ۾ پيو ٿو ڏيل ڏري

2. جلدي وڃي ڪاهيو جنڊ، لهڻ ۾ اٽوَ چوڏين چنڊ،
سهٽي جو ڳوليو وڃي سنڌ، دليون نہ پهچي ديد دڙي

3. ڏاهيون وڃي ڏُڌ ولوڙيو ڪير مؤن مکڻ جلدي جوڙيو
مون آ تنهنجو تنگو توڙيو هينئر منهنجو پيو هنياءُ ڏري

4. علي مدد شاهہ ننڊ ڦٽايو سيڪا ڪري ڪم جو سعيو
چتيءَ مون آ سور پرايو وقت نہ ڪنهن ويل ٽري

–

ڪافي نمبر 37

ٿلهہ: پنهنجي صورت سهڻل ڏيکار مٺا،
تنهنجو دلبر ڪيان ديدار مٺار.

1. ذرا بيهہ اتي نالي نانءِ ڏٽي، تہ عاشق ڏسي پنهنجي اک جي اٽي،
مون ڏي مرڪي ڏس مٺا نيڻ ڪٽي، ڏسان خوني نيڻن جا خمار مٺار.

2. چني نہ وڃ مون چوري ڪيو ہٿ سورن جون ڳالهيون ناميانيون،
واهون سيئي آهن مون ڪان ويون، وهن نيڻن مان پيا ڪا نار مٺا.

3. مور نہ محب مڙندس مان، ڪاهيون ڪيڊ تنهنجي ايندس مان،
جيتر سڏ نہ ڏيندين پئي سڏيندس مان، توکي پرين ڪيان ڪيڊ پڪار مٺا.

4. سڻ علي مدد جي سهڻا سدا، توکي گڏجڻ جي ڪري ٿو گدا،
سارو سر ڪريان تو تان فدا، پنهنجو پرچي ڏي تون پيار مٺا.

–

ڪافي نمبر 38

ٿلهه: واهواهه پيلا پڳوان، خيال سندي جي خبر نه ڪائي،

1. نه عيسائي نه انگريز نه پارسي نه سِک، نه هندو نه واڻيون ٻانيڻ، نه گرمُک، مور نه آهيان مسلمان.

2. نه ٻيڙو نه ڪراڙو نه ننيڙو نه ٻار، نه سڄڻ نه دشمن نه سنگتي نه يار، جائي ناهيان سو جوان.

3. نه زال نه مڙس نه مڱيون نه پرڻيو، نه ڇٽيندو نه ڇمندو نه مرندو، مور نه پائينان مهمان.

4. نه اچي نه وڃي نه سمهي نه هلي، نه ويهي نه گهمي نه روئي نه کلي، حيرت ۾ ناهي حيوان.

5. نه ڪائيندو نه ڪارائيندو نه وٺندو نه ڏيندو، نه جهلبو نه جهليندو نه مڙندو مور، نه سياڻو آهي نه ديوان.

6. نه عاشق نه ڪنهن جو معشوق آهي، نه نيهڙو لائي نه توڙ نباهي، نه هئي هئي ٿئي حيران.

7. نه جهنگ جو جانور نه ڊِگو نه ڊِور، نه پکي پرين سان مڃي نه مور، نه ڪو آدمي انسان.

8. نه جُهڙ نه گوڙ نه ڪنوڻ نه مينهن، نه بادل نه بجلي نه رات نه ڏينهن، نه تيز آهي طوفان.

9. نه هوا نه پاڻي نه سج چنڊ تارو، نه وڻ ٽڻ ميوو نه سانوڻ نه سيارو، نه زمين آهي نه آسمان.

10. نه دين نه ڪفر نه مذهب نه اسلام، نه بهشت نه دوزخ نه جنتي جام، نه دنيا آهي نه جهان.

11. نه علي مدد شاهه نه سائين نه سيد، نه پير نه مريد نه طالب، نه مرشد مدني صاف سمجهيم سبحان.

ڪافي نمبر 39

ٿلهه: منهن مٺي وئي رات راٺا، حرف رکي هن حال تي،
ظاهر ٿي مو زال تي.

1. اٺ اٺاري وئين موٺائي، جانور پنهنجي خيال تي

2. اوچتو اچي عيب رکي وئي، ٻڌي ٻين جي ڳالهه تي

3. ٻدي ڏئي وئين بيگناهه، چڱي منهنجي چال تي

4. مهٽي هاٽي مون ڪري وئي،جيئن جنجال تي.

5. علي مدد شاهه حيف آهي،اج منهنجي اَفال تي.

–

ڪافي نمبر 40

ٿلهه:رات چڙي وئين رڻ ۾ راڻا، خان ڏيون مون خواري،
هن بنديءَ تي باري.

1. سياح ڏسين ها سوچي سمجهي، سرت رکي تون ساري.

2. ڏوهي ڪري وئين ڏيهه ساري ۾، خاص وجهي مو ڪاري.

3. تون هٽي وئين ڪان ڦهري، جيڪو هٽي وئين جاري.

4. بس ڪئي مون ميندڙا، توبه منهنجي زاري.

5. علي مدد شاهه جيئڻ نہ جڳائي، مهٽي آهيان مون ماري.

ڪافي نمبر 41

ٿلهہ:منهن مٺوئي مون ڏي راڻا، قرب پنهنجو تون ڪر،
گهوٽ منهنجي آ گهر.

1. عرض ڪريان تي توکي آزيون، اچي پير اڱڻ تي ڌر.

2. بخش خطائون مون کي رضائون، دوست هلي آ در.

3. عيبن ڀري هن عاجزي جي، ڀورل ٿيءُ تون ڀر.

4. ڏک ڏلايون، سائين ساريون، پرين نہ ڳولج پر.

5. علي مدد شاهہ جو سوال سٺي، واهر ولهي جي ڪر.

ڪافي نمبر 42

ٿلهه: ڪرهو ڪاهي ڪاڪ منجهارون راڻو ٿيو روانو.
تيز ڏيون مون طعنو.

1. سُڌ نہ ڏنائين سستي هليو ويو،
پرين ڇڏي ويو پروانو.

2. سهمون ڇڏي ويو سڙي خاطر،
گچي پائڻ لئہ ڳانو.

3. دل لڳيءَ جو دلبر ڏيو ويو،
بديءَ سندو هي نہ بهانو.

4. علي مدد شاهہ جيئري مرندس،
جي نہ مليو مون جانو.

ڪافي نمبر 43

ٿلھ: اڄ پڙھيل ھن عاشق کي سور سبق سيکارن ٿا،
پور اچي تہ پڙھائن ٿا.

1. لکڻ پڙھڻ مان مور نہ ڄاڻان،
لعلڻ لئہ لکرائن ٿا.

2. حرف نہ ڄاڻان مون ھڪڙو،
سِٽون سچيون سمجھائن ٿا.

3. پريت جا پنا پرينءَ خاطر،
دل تي ياد ڪرائن ٿا.

4. اھڙو علم اڳ نہ ٻڌو مون،
جو ٻارو چل ٻڌائن ٿا.

5. علي مدد شاھہ جاھل کي،
جيءَ ۾ جوش جڳائن ٿا.

—

ڪافي نمبر 44

ٿلهه: دوا ڏيو مون دلئون دلبر، سول سرجن صاحب ڊاڪٽر.

1. طبيب ڏس تون جاچي طبيعت، جان ۾ مون ڪي ڪانهي جريت،
منڍي آهي ڪا منهنجي قسمت، غمن ٿئي پيو منهنجو گذر.

2. اپوجهه آهيان مون آياڻو، وتان ڦرندو مون ويڳاڻو،
ستت ڪر مون سائين سياڻو، مغز ٿيو آ منهنجو پنچر.

3. جا هئون ٿيو آهيان مون چريو، خاص خرابي ۾ ڪريو،
پيو من منهنجي ۾ مچ ٻريو، جنهن ساڙي ڇڏيو آ جان جگر.

4. جانب جيئار ميون دليون، سائين ڏي مون سُتيون سُئيون،
واهون سڀ هن منهنجون وبون، پنهنجو ڪر مون پرين پرور.

5. علي مدد شاهه آيو سوالي، مور نہ ويندو ڪڏهن خالي،
پيارا پر ڪري پياريو پيالي، مهر جي ڪريو مون تي نظر.

ڪافي نمبر 45

ٿلهه: داتا دستگير سڏ ڏي سيدا شهنشاهه شبير،
محي الدين مير واهر ڪر وير.

1. ڪڙيون پيچ قيد جون، لوهان هي تہ زنجير.
2. ڏکن ڏولاون ۾ ساهه سارو، نيڻيڻ وهايان نير.
3. اوکن آفتن کئون مون بچائين، ٿوڙ ساري تڪسير،
4. ٻڏندڙ ٻيڙي پار اڪار، هٿ ڏئي همير.
5. برين بلائن مون کي پڪڙي، سوگهو ڪيو سرير.
6. سورن جهڳا ڪيا سر ۾، تون پٽ تنين جا پير.
7. سڪرات واري سرڪي ڪُئون، ساهه ڪر سڏير.
8. درد سيئي دفع ڪر تون، سگهو تپائج سير.
9. بچاءِ مون کي باهن کئون، اچن جيڪي اوسير.
10. ساهڙ سندي سير مئون، ڪڍ مونکي ڪبير.
11. ڦٽ زخم چڙ چٽائي، جيڪي لڳم تير.
12. ڏک ڪيڍي چڙ ڏيل مئون، آجو ڪر امير.
13. ڪوسين وائن کي چڙ ٿڏي، ٿڏي گهلائج هير.
14. بادشاهه بغدادي توکي فرياد، آهي ڪئي اسير.
15. دباءُ ڏسي دشمنن سندو، رتي دلڙي آهي دلگير.
16. دادلا پير عرض ٻڌي ڪر، قائم منهنجو ڪير.
17. ڏوهن گناهن کئون آجو ڪري، سائين ڪر صغير.
18. قرب ڪري توبہ قبول ڪر، ڪئي عليءَ جي فقير.
19. ميٽ مدايون محب منهنجون،جيڪي لکيون تقدير.
20. علي مدد شاهه آهون ڪري، عاشقُ ڪر اڪسير.

ڪافي نمبر 46

ٿلهه: ڏس ڪير آهي چا آهي، ڏس ڪاٿي آهي،
ڏس ڪا ڏي آهي.

1. ڪم ڪنير جو متي ناهڻ، چڪ تي چاڙهي ٽانو بنائڻ،
آوي وجهي پڪا پچائڻ، هي پاڻ ناهي هي پاڻ ٻاهي.

2. ڪم ڪڙميءَ جو هر هلائڻ، ٻج ڇٽڻ ۽ ٻارا ناهڻ،
پاڻي پورو ڏئي پوک پچائڻ، هي پاڻ ڪاهي هي پاڻ ڳاهي.

3. ڪم عورت جو گهر سينگارڻ، ٻوڙ چاڙهڻ ۽ ماني پچائڻ،
ڏڌ ولوڙي مکڻ بنائڻ، هي پاڻ لاهي هي پاڻ ڪاهي.

4. ڪم ڪيجريءَ جوڪسب ڪرائڻ، شيريون ٻڌي نِيهن نچائڻ،
ساز سروز تي ڳائڻ وڄائڻ، هي پاڻ وڄائي هي پاڻ ڳائي.

5. ڪم ڪوريءَ جو ڪپهه ڪتائڻ، سٽ سنهون تنهن مؤن ناهڻ.
تاني ڪيڏي تندون ناهڻ، هي پاڻ ساهي هي پاڻ لاهي.

6. عرض علي مدد اوهان کي ڪيڙو، ڏاها مونکي ڏس ڪو ڏيئڙو،
پتو نہ مون کي تنهنجو پيڙو، هي پاڻ چاهي هي پاڻ ڇاهي.

–

ڪافي نمبر 47

ٿلهہ: پاڻ پائنيو پنهنجو پاڪ، سي سامي عاشق سڏائن ٿا،
اهي ٻئي کي ڪين ٻڌائن ٿا.

1. دل جن جي آهہ درياءُ، پليتي ڪئون وهن بي پرواهہ،
ڪڏهن نہ ٿين پياسي، گمراهہ پلي ڪاج خرابيءَ جو ڪائن ٿا.

2. سينو جن جو صافن صاف، ڪين لڪبو تن تي ڪاف،
سر سهڻي جو ڪري طواف، سا صورت اندر سمائن ٿا.

3. ڪم جن جو خاص خراب، مور نہ ڏسن مسجد محراب،
عيشي رهن پيا پي شراب، سي لوڪئون لڪ لڪائن ٿا.

4. ڏوهہ گناهہ آ سمجهہ تائين، هو غافل رهن جاٽي واٽي،
مورت تن آ بيشڪ ماٽي، جيڪي هو هو حق هلائن ٿا.

5. پينگ چرس عمل آ اهجاڻ، پي ڪائي تون سياڻا سجاڻ،
وچائي علي مدد پنهنجو پاڻ سي بات برهہ جي ٻتائين ٿا.

–

ڪافي نمبر 48

ٿلهه: جن صبر ڪري پئي سور سٺا سي عاشق اڳ چوائي ويا.

1. ڪربل آيا ٿي مير مهمان، ننڍا وڏا هيا شير جوان،
ملهايو اچي تن سارو ميدان، جيڪي قربئون ڪنڌ ڪپائي ويا.

2. ڪي ڪرت چيريا ڪي گهاٽي پيڙيا، ڪي ڪل لهرائي مور نہ مڙيا،
ڪي سر وڍرائي خاڪ تي سڙيا، ڪي سوريءَ سر چڙهائي ويا.

3. ڪي رڻ پٽ وڙيا ڪي درياهہ ٻوڙيا، ڪي ٻيٺي ٻرن ۾ ولن ڪوڙيا،
منهن ڪڏهن تہ انهن موڙيا، ڪي جيئري جان جلائي ويا.

4. جيڪو علي مدد شاهہ عاشق سڏائي، جلدي اچي پنهنجو سر وڍرائي،
ڪڏهن پنهنجي نہ دل گهٻرائي، اُهي هو ڪو حق هلائي ويا.

–

ڪافي نمبر 49

ٿلهه: هير تي ٿي حيران رانجهن ٿيو آ رڻ پٽ راهي،

1. ديس ڇڏي پرديس ٿيئڙو قربان ڪيائين پنهنجو سرڙو،
مرڪي ٿيو مهمان، هليو ڇڏي هو پنهنجو بادشاهي.

2. ٻار ٻچا جند جان سوڏو سر، هير تان گهوريائين سارو گهر،
سورهه هيو سلطان، هيو تنهنجو الله واهي.

3. نہ ڪاڏائين نہ پيتائين پاٽي، ڪشالو ڪيائين ڇاٽي واٽي،
محب ٿيو مستان، بيحد جنهن کي بي پرواهي.

4. علي مدد شاهہ رانجهن هڪ، هير سان نڀايائين هلي سڪ،
جانب هيو سو جوان، جنهن لائي توڙ نڀائي.

–

ڪافي نمبر 50

ٿلهه: منگتو آيو مڱيادار، سر گهري نروار،
پيو نه وٺي مڱڻهار.

1. سوز پريو سر تنهنجو جيڪو ڪري پڪار،
ڪري گم گرنار.

2. مڏيون سڀ دنيا دولت، پيو ڏئي سردار،
ڪري پنهنجو اقرار.

3. سون چاندي لعل هيرا جواهر، زيور زينت دار،
سارا نَوَ لکا هار.

4. علي مدد شاهه جلدي سر ڏي، ٿي سوريءَ تي سوار،
پنهنجو راضي ڪر يار.

–

ڪافي نمبر 51

ٿلهہ: سر وڏڻ جو آيو سوالي، جنهن هوڪو هلايو
سورهيہ سر وڍايو.

1. ڪاريگر جوڙيو فن جو ڦيراقي، تنهن سرندو بنايو
سو منگتي وڄايو.

2. واهہ واهہ ٻڌائي ساز سورن جو جنهن جوش جڳايو
تنهن تندن تپايو.

3. سواءِ سر جي ڪجھ نہ وٺي پيو اهو ٻيجل ٻولايو
ڪڏي ڪنڌ ڪپايو.

4. علي مدد شاهہ دير نہ ڪر تون، سر جو ڪر سعيو
گهوٽ آهي گهرايو.

–

ڪافي نمبر 52

ٿلهه: دلڙي پڪاري توکي ساهه ٿو ساري، وو موٽ منا.

1. ستت لهه اچي سار سڄڻ تون،
ويهه نه وساري مون کي دل تان ڌڪاري

2. هيڪل حب ۾ روز رتا پئي،
اچ اوتاري وچ منهڙو ڏيکاري.

3. روز ازل کئون تنهنجي آهيان،
پرين پياري لڳي تنهنجي ئي لاري.

4. علي مدد جو تون واهر وسيلو
تڳان تنهنجي تاري سهٽا سهاري.

–

ڪافي نمبر 53

ٿلهه: اڄ آءُ تون سهڻا ڪري قربداري،
مون کي تنهنجي دلبر ڏاڍي انتظاري.

1. اوکو سور اندر جو ڏاڍو اهنجو، خبر پوي ان کي ڏکي ڏيل جنهنجو،
لاءِ غم منهنجو ڪو قرب پنهنجو، ڪئي سر تي سورن آهي سواري.

2. هٿ ٻڌي هُب مان ڪيان توکي آزي، سوال ٻڌ سهڻا ٿيءَ راتون راضي،
دم دم دلبر لڳي طلب تازي، وجهي دام دلبر تو دلڙي ڌتاري.

3. ڪري سرندو سينو ويهي وڄايم، آئي آب اندر جو اکيون پيڄايم،
ڪيل قول پنهنجا پرين نا پڄايم، اچي پنهنجي ڪر سهڻا ستاري.

4. علي مدد توکي پرين پڪاري، وجهي ديدون دڳ ۾ رستا نهاري،
رويون روز توکي سهڻا سنڀاري، اهڙي دل کي دلبر ڏنوَ بيقراري.

—

ڪافي نمبر 54

ٿلهه: اڄ منهنجي اڱڻ تي دلبر، دل جي چوڻ تي هيڪر آ هلي هڪوار.

1. خود خطائون سَوَ منهنجون، حرف مون ۾ هزار.
2. بديون بيحد بدن منهنجي ۾، اندر ۾ عيب اپار.
3. سور ساڙيو آ ساهه سمورو، پورو منهنجو پالڻهار.
4. ڪئي قصور آهن مون ۾، تون معافي ڏي منٺار.
5. علي مدد شاهه عرض ڪري ٿو، دل سان توکي دلدار.

ڪافي نمبر 55

ٿلهہ: اکيون پير ڪري هيئنئر هلبو، ووڙي يار پنهنجو ڳولي لهبو.

1. مون کي خبر نہ پئي يار ويندو، ڪو ظلم زور و مونسان ٿيندو، ڏکيا ڏک اندر ۾ ڏيندو، اهو سور نہ ڪنهن سان سلبو.

2. مون ياري لعلڻ سان لائي، ٻي سڌ نہ رکي مون ڪائي، مونسان يار ڪندو ڪا جدائي، هاڻي رولهہ رڃن ۾ رلبو.

3. هليو هوت هٿان منهنجي ويڙو، جنهن قرب ڏئي قيد ڪيڙو، تنهنجو پتو نہ مون کي پيڙو، منهنجو جيءَ جهجڻ ڪان جهلبو.

4. چڏي علي مدد شاهہ شاهي، هل حال ڪري فقراهي، پاڻ ئي محب ملندءِ ماهي، جنهن سان خوشيءَ منجهارئون ڪلبو.

–

كافي نمبر 56

ٿلهه: مون كان محب ويو منهن مٽي وو الا الا،
ويو فيراقي ڪري دل ڦٽي وو الا الا.

1. منهنجو ويهڻ وهه ڪري ويو،
ويو سورن منجهه سٽي وو سٽي الا الا.

2. پئي باهه برهه جي ڪک پن ساڙي،
هوت بنا نه هٽي وو هٽي الا الا.

3. علي مدد سارا ڏينهن ڏکن ۾،
قيدي بينو ڪٽي وو ڪٽي الا الا
–

ڪافي نمبر 57

ٿلهه: توکي نياپو جوڳي نياپو ڏجان،
منهنجي حبيبن کي تن طبيبن کي،

1. سعن هٽي تون سهٽي کي سڏجان،
سلام سورن جا سيئي چئجانءِ،
قرب ڪندي تن قريبن کي

2. ادا جوڳي جلدي وڃ،
سور منهنجا وڃي سيئي سيع،
تون اڳڻ وڃي ڏس عجيب کي،

3. جوڳيئڙا جاني ٿيءُ تون روانو
درد منهنجي جو ڪٽي دستانو
وڃي حال ٻڌاءِ تن حبيب کي.

4. علي مدد ڪري پيو اوکيون آنهون،
درد پريو سي دلبر دانهون،
شال اوڏو هجان پنهنجي نصيب کي.

ڪافي نمبر 58

ٿلهه: باسون باسيان باس ڏاڍي اندر ۾ آ آس،
آڻيندن الله آهيان مان اداس.

1. جيڪا رب ڪي وڻي سا باب منهنجي بڻي،
ڪنهن ڪي ٻڌايان سور ڪولي ڪٽي،
ٻُڌتيءَ ۾ ٻُري ويو هڏ سارو ماس.

2. ڏاڍي اندر ۾ اڪير اڪين ڏسان شال امير،
پلپل پرين ڪي ساري ڏيان سڏير،
دل جو اميدون دل ۾ شال پوريون ٿينديون راس.

3. طلب پرينءَ جي تات ٻي وئي ناهي وات،
ڏکن ۾ آ ڏينهن سورن ۾ آ رات،
علي مدد شاهه ڪي ڪر تون اچي خاص.

–

ڪافي نمبر 59

ٿلهہ: ڏسي شاهہ حسن شهنشاهہ،
ڪي ئي عاشق ٿي تہ اچن ٿا.

1. حسن ڏسي جيڪي حيران ٿيڙا، مال مڏيون تن سڀ قربان ڪيڙا،
سارو پنهنجو ساهہ.

2. حسن جي آتش جان جلائي، عاشق اچن پيا سرڙو سهائي،
سارو پنهنجو ساهہ صدقي سي ئي ڪن ٿا.

3. حسن جي هشمت جن ڏٺي آ، گلا غيبت تن سٺي آ،
اهي علي مدد شاهہ، سوليءَ سرڙو ڏين ٿا.

ڪافي نمبر 60

ٿلھ: منهنجي ماروئڙن ڪا نہ لڌي ڪا سنڀال،
ناهي ننڊ نيٽن جر وهايان جال.

1. پل پل پرينءَ جي پورن ساڙيو ساھ کي سورن،
اندر خامي کورن ڪنهن کي ٻڌايا احوال.

2. ٻٽتي مون کي ڳاريو روئان پئي رستا نهاريو،
ساھ ڏاڍو ساريو گذري ويڙا سال.

3. مارو شال ملندا، خوش ڏسان کلندا،
علي مدد ايندا ڪري پلايون پال.

–

ڪافي نمبر 61

ٿلهه: جڏان ٿيا ديدار لهي لهه ڳيا سور سيوئي،
رهيا نہ هڪ هڪوئي.

1. جهان دي خاطر حال وڃايم، ديس ڇوڙي پرديس وسايم،
چوڙيم سڀ سنسار، راتيان ڏينهان روئي.

2. جان جلايم پاڻ پچايم، ماس هڏن ساڙيم ٻاريم،
ڪيتم ڪين قرار، ڳوليم ملڪ سيوئي.

3. قيدي بن ڪر قيد گذاريم، سزا سوران دي سر تي آيم،
بيوس تي بيمار، ماڻيم ماڳ مڙوئي.

4. علي مدد شاهہ عجيب آيم، حبيب پاڻ طبيب ٿيئڙم،
جيها ڳوليم يار، ساڳا ويکم سوئي.

–

ڪافي نمبر 62

ٿلهه:اڄ عاشق اڱڻ تي آيو آ، متا تون منهنڙو ڏيکاريو آ،

1. اڱڻ تي آيم پيرڙو پايم، گهورن ۾ گهايم دلڙي فاسايم،
پرين ڏي تون پيار، مونکي محبت مست بنايو آ.

2. دل ڏي دلبر پرين پرور، خاص خبر ٻڌاءِ هيڪر،
مهڻن ۾ نہ مار، طعنن مون کي تپايو آ.

3. توکي سڏيندس گڏ گڏيندس، ورهہ ونڊيندس سور سليندس،
توکي دل ڏنم دلدار، مون کي اندر ۾ سور سمايو آ.

3. جانم ڏنم سور ستم، مو تو قبل مري جيئم،
عاشق ٿي اظهار، مون پير اڱڻ تي پايو آ.

5. علي مدد شاهہ ايندو رهندو، مور نہ مڙندو سرڙو ڏيندو،
نعرو هڻي نروار، مو کي سولي چڙهڻ جو سعيو آ.

-

ڪافي نمبر 63

ٽلهه: ور پير پيران دستگير، هيئن ٿي هان گمراهه،
ڪائي ناهي واهه.

1. اوکي ويلي ساٹي ٿيوين، هتڙا ڏئي پار ٽپائين،
حامي ٿيوين همت، مين تڪيا تيڏا راهه.

2. ميڏي اندر وچ باهه ٻلدي، جگر سارا جان جلدي،
ڪرين معاف ميڏي تڪسير، ٿيا سوگها ميڏا ساهه.

3. گهر غمان ميڏي جيءُ ۾، آڏو آوين وچ اوکي ۾،
توڙين ميڏي زنجير قربئون ڪر ڪي ڪاهه.

4. بغداد والا هادي، ملڪين وچ تڏي منادي،
ڪرين ميڪون سڏير، ٿيان پويان ميڏا پساهه.

5. مرشد ميڏا مير ميران، حسن حسين شبر شبيران،
پيران سندا پير، ميڏا هادي ٿيوين همراهه.

6. پنجتن پاڪ هين علي ولي، مين ڳڌ هي تيڏي ڳلي،
اچي واهر ٿيوين، وير، ميڪون پردا ڏيوين پناهہ.

7. مين هان تيڪون پڪاران ڪردي، ڳٽتي وچ پئي ڳلدي،
نيڻ وهن پيا نير، ٿيا اڪين اڳيان اونداهہ.

8. سفر سارا سچ سجهي، رائي والي رچ ٻجي،
اتي آوين امير، جتي ٻلندي پئي هي باهہ،

9. مين تيڪون آهي دعا منگي، ميڏا رڪين ننگ ننگي،
ڪرين قائم ميڏا ڪير، اچي شاهان سندا شاهہ.

10. علي مدد شاهہ عرض ڪريندا، سوال سڻ ميڏا سيدا،
مين ٿي هان دلگير، ٻلي اندر وچ آڙاهہ.

–

سي حرفي

الف: اکيون دلبر جي اکين ۾ اوچتو آيون،
هوش عقل هليو ويو ولڙيون ٽيون وايون،
ناز منجهان نهاري ويو گهورن ۾ گهايون
ويو نظرون نايون علي مدد جي اندر ۾.

ب: بس نہ اچي اکين کي رات ڏينهن روئن،
پسڻ ڏاران پرين جي ٽيمون پيون ٽمن،
ديدون وجهي دڳ ۾ ڏکيون پيون ڏسن،
شاباس تن اکين جن علي مدد کي اداس ڪيو.

ت: تار لڳڙم تن ۾ اندر منجهہ اکير،
هينئون سارو هوت لئہ سوگهو ٽيو سرير،
ويو دل فاسائي زوريءَ منجهہ زنجير،
نيڻن وهائن نير علي مدد جون اکيون.

ث: ثابت ڏٺم سهڻي کي چڱي طرح چتائي،
ديد ملائي ديد سان ويو گهورن ۾ گهائي،
نيڻن سان ناز ڪري ويو اکيون اٽڪائي،
قيري منجهہ فاسائي علي مدد کي عجيب ويو.

ج: جانب هليو ويو جلدي، منهنجي دل ڦري،
پسڻ ڏاران پرين جي ساعت نہ هڪ سري،
ڏسڻ سان ڏاڍ ڪري ويو قرب ۾ قيد ڪري،
اوچتو منجہ اري، علي مدد اچي ويو.

ح: حايون هوت هٽي ويو منهنجي دل ڪٽي،
قابو ڪري قرب ۾ وڏئين گهور گهٽي،
صورت تنهن سهٽي جي واهه واهه مون وٽي،
لائي اک جي اٽي ويو علي مدد کي اوچتو.

خ: خبر نہ پئي مون کي ڪا تہ جانب ڪندو جدائي،
دل پنهنجي هٿن سان مون ڦاسي ڦرائي،
گلا غيبت لوڪ سڄي جي ساري سر تي آئي،
چمي چاهه مئون چائي علي مدد اکين تي.

د: دلبر جي ديدار لئہ آهي اکين کي آس،
ماندو منهنجو من ٿيو آهيان اداس،
بنان گل جي پونئر کي نہ اچي وٽن مان واس،
ڪو نہ ڪيائين ڪو قياس علي مدد ڏي اچڻ جو.

ذ: ذرو قياس ڪر تون عجيب اڱڻ تي اچ،
باهه برهه جي بيشمار من ۾ ٻري مچ،
پيار منهنجا آءُ تہ سور سٺايان سچ پچ،
ڳالهيون ڳُٽي ڳچ آهن علي مدد جي اندر ۾.

ر: روز روئان راتو ڏينهن نيٽيڻ ننڊ حرام،
اُڻ تُڻ آهي اندر ۾ ڏاڍي تانگهه تمام،
پنهنجو ڪيو پرين مون پيس اوهان جي سام،
ساري عمر غلام، آهي علي مدد اوهان جو.

ز: زهري باز زوري جا جهٽ پٽ ويو ڇهڻي،
بيوس ڪٽي بند ڪري ويو گهورن منجهه گهڻي،
چٽُ منهنجو چريو ڪري ويو ڦيراق منجهه ڦٽي،
سانگو سر جو سٽي آيو علي مدد عجيب ڏي.

س: سڪ ڏاڍي آهي، ساهه ڪي سهڻا لهه تون سار،
اکين ۾ آب جاري نيڻ وهن پيا نار،
ڪل ڪا نه پئي ڪا ته دلبر ٿيندو ڏار،
اچي مل تون يار علي مدد سان اڄ ۾.

ش: شوق منجهان شائق ٿيس ڏسي هوت جو حسن،
محب جهڙو نه ماڻهو ڪو، نه اهرو ڪو پرين،
گل نه ڏنم گلن ۾ هڪ منجهه حورن،
چوڏهين ماهه چنڊن ڪان علي مدد عجيب آڳرو.

ص: صورت تنهن سهڻي جي هئي نور جي تجلي،
اک تنهن عجيب جي هئي ريءَ ڪل ڪجلي،
لعلڻ پنهنجا لب کولي وينو خوشيءَ منجهه کلي،
محبوب سائين ملي ويو علي مدد کي عاشق ڪري.

ض: ضرور آءُ تون، يار جاني سڻي منهنجو سوال،
دم نه ڪر دير دلبر ڪونهي منهنجو حال،
ملڻ ريءَ محب منهنجا ٿيو جيئڻ منهنجو جنجال،
ڪري پلايون پال آءُ علي مدد جي اڱڻ تي.

ط: طلب لڳي تمام ڏاڍي سڪ منهنجي ساهہ کي،
ديدون وجهي دڳ ۾ نهاريان راهہ کي،
وصل جي پاڻيءَ سان وساءِ برهہ جي باهہ کي
تنهنجي ساري ارواهہ کي علي مدد ساريو.

ظ: ظلم نہ ڪري زورآور هيڪر منهن ڏيڪار،
سورن ۾ نہ ساڙ تون ڳڻتن ۾ نہ ڳار،
قرب ڪر قريب ٿيءُ اچي ڪا گهڙي گهار،
سهڻا آءُ تون پار علي مدد جي اڱڻ تي.

ع: عنايت ڪري عاشق تي پرين آءُ تون پيهي،
سڻ احوال سورن جو وٽ سهڻا مون ويهي،
مٺا مونسان مل اچي گهوريان دل ساري ديهي،
رانول دل ريهي علي مدد اڪين سان.

غ: غم ۾ گذاريان راتيون ڏينهن سارا منجهہ سورن،
اکيون روئڻ جو رانديون سکيون پيون سکن،
من ۾ محبت جا مچ دل ۾ دود دکن،
سهڻي جي سهڻين اکين علي مدد کي اداس ڪيو.

ف: فيراق لڳو اندر ۾ ساهہ سڪ سبيل
ساهہ سارو سوگهو ٿيو دل ۾ دوڙي دليل
لوڪ ساري ۾ لعلڻ سائين ظاهر ٿيس ذليل،
ٿيو عاشق آهي عليل، علي مدد اوهان جو.

ق: قرب ڪري ڪاهي اچ هيڪر هت هلي،
پرين مون ڪي پنهنجو ڪري وڃ محب مون سان ملي،
جوش منجهه جان منهنجي ويو جگر سارو جلي،
خوشيءَ منجهاران ڪلي، آ علي مدد جي اوتاري تي.

ڪ: ڪڙي وئين قرب ۾ ڪري دل ديواني،
مٽ نہ پائنيان ملڪ ۾ سهڻا تنهنجو ثاني،
صورت تنهنجي سهڻا ڪيم ٻچيءَ جي ٻاني،
جلدي مل جاني، آهي علي مدد اداس ٿيو.

ل: لوري منهن جان ڪي لعلڻ آهي لاتي،
دل منهنجي دلبر ڪاڻ آهي اچڻ لئہ آتي،
نہ ڪو ماڻهو آيو محب ڏئون نڪو خط نڪو خاطي،
ظاهر صفا ذاتي، آهہ علي مدد عاشق ٿيو.

م: محب مونسان مل اچي گوڏي ويهي گڏ،
سَندَ منهنجا ساٿا ٿيا هوت لئہ هڏ،
دليئون توڪي دلبر ساري ڪيم سڏ،
چني نہ تون چڏ، علي مدد ڪي عجيب تون.

ن: ناهي آرام اندر ڪي آهي دلبر سندي تات
رڳي پچار پرينءَ جي ٻي وائي ناهي وات،
ڏينهن گذري ڏکن ۾ سورن سجي رات،
برهہ واري واري بات ڪندو علي مدد عجيب سان،

و: واجب ناهي يار توکي وساري ويهڻ
جانب توکي نہ جڳائي دلبر دور رهڻ،
طاقت ناهي تَنَ ۾ ايڏا سور سهڻ،
بنا ڪاتيءَ ڪهڻ، علي مدد کي نہ گهرجي ايترو.

هہ: هوت اچي حامي ٿيءُ توکي سڏ ڪيم ساري،
جلدي آءُ جانب وچ تار منجهان تاري،
دل دانهون درد سان پرين توکي پڪاري،
اچ هيڪر هڪ واري، علي مدد جي اڱڻ تي.

ء: اچڻ لئہ اوهان جي حلا ڪيم هزار
ڪتاب پترايم ڪيترا وجهرايم فقيرن سندي فار
سهٽا منهنجي سر تي چڙهيا برهہ سندا بار،
هيڪر اچ هڪ وار، علي مدد جي اڱڻ تي،

ل: لوري لڳي لڱن کي ٿيو بدن سارو باهہ،
ڏڳ ڏسي دلبر جا ٿيا اکين اڳيان اونداهہ،
ڪُتجي ڪباب ٿيو منهنجو سارو ساهہ،
سر سوڏو ساهہ گهوريو علي مدد عجيب تان.

ي: ياد ڪندي يار کي لکيم درد جو داستان،
نار وهائي نيڻن مان ڪيم گوندل جو گمسان،
ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان هي هي ٿيس حيران
آهي جدائيءَ جو جولان علي مدد جي اندر ۾.

—

ابيات مدح

پيران پير دستگير
محبوب سبحاني سيد عبدالقادر
جيلاني بغدادي

1

سائين سڻ مون سڏڙا داتا دلاور،
اوڪيون آنهون اندر جون پرين ٻڌ پرور،
لاهہ غم غريب جو منا اچي منور،
ڪري علي مدد تي نظر، جيلاني اچ جود ۾.

2

جيلاني اچ جود ۾، مون سڏيو پيو ساريان،
روئي رهبر روح سان تنهنجا راهہ پيو نهاريان،
گهڙيون سڀ گنگهر ۾ گهوٽ پيو گهاريان،
سڻي علي مدد جون پڪاران، اچي پهچ پيران پير.

3

اچي پهچ پيران پير ڪري ويل انهيءَ واهر،
اوکي انهيءَ راز جو محب ناهيان ماهر،
کولي ٻڌاءِ خيال سارو ڪري مون ظاهر،
علي مدد کي نوپير ناهر، تار تاري وچ تار مان.

4

تاري وچ تار مان ٻڌي منهنجون آنهون،
درد پريون دل سان دلبر ڪريان دانهون،
مدد ڪر محب منهنجي آهن ويون سڀ واهون،
چئي علي مدد چاهؤن، پهچ پرين پل ۾.

5

پهچ پرين پل ۾ بچاءِ مون بلائن،
جيڪي اچي جلد ۾ ڪايون پيون ڪائن،
سُڪ ڪري ساھ ڪي پيو تن سارو تاڙن،
جيڪي علي مدد ڪي تپائن، سي ماڙ ڪر محي الدين.

6

سي ماڙ ڪر محي الدين تاري چڏ تار،
سورن گهري سيني ۾ ڳٽتن ڪيو ڳار،
محب اچي هڪ منٿ ۾ لاھ سارو بار،
ڪري علي مدد ڏي عار، جلدي اچ جوان تون.

7

جلدي اچ جوان تون اوکو لاهج آزار،
مٿن مائٽن دلي دلبرن مون ڪي ڏکي ڪيو ڏار،
سنگتي ساٿي سيئي سونهان بيحد ٿيا بيزار،
اچ علي مدد ڏي هڪوار، دانهن سڻي داتا تون.

8

دانهن سڻي داتا تون سڏ ۾ ٿيءُ ساٿي،
پرين توکي پڪاريم مون جاٽي واٽي،
پرتي توکي دلڙي هيءُ ابوجهه اباٽي،
اچي علي مدد جو آرياٽي، سوال بڌ سيدا.

9

سوال پڻ سيدا توکي پرين ڪيم پڪار،
سورن سندي سعن جو ڏاڍو ٿيم ڏهڪار،
مدد ٿيءُ محبت منهنجي ڪامل ٻڌيءَ ڪوڪار،
ڪر علي مدد سڪار، سڪن سندا سهڻا.

10

سڪن سندا سهڻا اچي ڪر انبار،
ڏک ڪيڙ ڏيهه مئون ڏکي تون دلدار،
امت ساري آباد ڪر پنهنجاڪري پيار،
علي مدد جا مهندار، راضي ٿيءُ روح سان.

11

راضي ٿيءُ روح سان توکي ڪيم، سدا،
ڪڙي ڇڏ قيد ۾ جيڪي ملڪ آهن مدا،
غرق غذب ۾ جيڪي ڪن ندا،
ڪر علي مدد گدا، داتا پنهنجي در جو.

12

داتا تنهنجي در تان ڪوئي نہ وڃي خالي،
هي آيو هڪڙو سائين تو وٽ سوالي
پرين پيار پريم جي پر ڪري پيالي،
ور علي مدد جا والي، دلڙي پئي دانهون ڪري.

13

دلڙي پئي دانهون ڪري، صدق ساڻ يقين،
تون، مالڪ آهين، ملڪ جو هندو توڙي مسلمين،
راتيان ڏينهان رهبر غم آهيان غمگين،
علي مدد جا محي الدين، درد دفع ڪر دل جا.

14

درد دفع ڪر دل جا اچي گيلاني غم لاهه،
ڇڏاءِ مون کي ڇوهن ڪئون جي ٻري ٻري باهه،
مدد ڪرڻ مهل ۾ تو ڪامل جو ڪم آهه،
ٿي علي مدد جو همراهه، تون سائين اچ سگهه ۾.

15

تون سائين اچ سگهه منهنجي ڪر مدد،
هڪ دم مونسان حامي ٿيءُ هادي ساڻ همٿ،
راضي ٿيءُ رهبر ڪر روحي مون رحمت،
علي مدد جي زحمت، ڏکي ڇڏ دلبر تون.

16

ڏکي ڇڏ دلبر تون ڏکن سندا سور،
پري ڪيو پرين تون ديسئون ڪري دور،
شامت ملامت محب منهنجي پل هڪ ۾ پور،
سوال علي مدد جو ضرور، پورو ڪر پرين تون.

17

پورو ڪر پرين تون ٻڌي سائين منهنجو سوال،
آهه ٻڌي اندر جي ڪر پلايون مون پال،
ماندو آهه مونجهه ۾ سارو منهنجو خيال،
ڏسي علي مدد جو حال، رحم ڪر رهبر تون،

18

رحم ڪر رهبر تون معافي ڏي مير،
دعا پنان دل سان تو کان داتا دستگير،
اندر ڪر آجو منهنجو ڪو ور مون ڪبير،
علي مدد جون شبير، ميٽي چڏ مدايون.

_

ابیات
مومل راٹو

1

مومل پنهنجي محلات کي ڪيئي ڪيڙايا ڪوٽ،
چڙهيا جي چاڙهيءَ تي تن کي چڱي ملي چوٽ،
هليا جي حب مئون تن مردن ڪاڏي نه موٽ،
ڪيئي گهايا پئي گهوٽ، علي مدد مومل ويهي ماڙن سان.

2

مومل جي ملڻ لئه ڪيئي واسينگ آيا ور،
چڏي هليا چوهه مئون گهوٽ پنهنجا گهر،
هاڪ ٻڌي حسن جي آيا ناميان ڪيئي نر،
سورهن سندا سر، علي مدد مومل وڍيا ماڙن سان.

3

مومل پنهنجي محلات تي پئي ناز مان نهاري
سنگار بنا هئي سهڻي ويتر پئي وڏائي،
نڪري ناز منجهان پئي پل پل پڪاري،
ڪيئي عاشق قطاري، علي مدد ماري پئي هڪ منٽ ۾.

4

مومل سنديءَ سونهن جو انت نه ڪو شمار،
ڪيئي ڪاهي آيا سورهه سو هزار،
مئا گهڻا ئي ملڻ لئه عاشق ڪيئي انبار،
مينڌري وجي مٽياندار، مومل ماڙي محلات ۾.

5

ماڻن سان مومل پئي ڪيئي مرد ماري،
سهيلين سندي سونهن جو ٻارڻ ويئي ٻاري،
ڏسڻ سان پيا ڏنڊڇن جيڪي سورهه آيا ساري،
ٻوٽ ويئي ٻاري، علي مدد ماڻا ڪري محلات ۾.

6

هڪ مومل کي ماڻو ٻيو سونهن ڪيس سلامي،
ڪيئي مرد آيا محلات ۾ غريب ڏيڻ غلامي،
جيڪي ساهه آيا سڪ مان سي نه موٽيا سامي
ٿيو علي مدد آرامي، مينڌرو تنهن مومل سان.

7

مومل سندي ماڻن جي ڪري نه سگهان صفات،
سورهن جي سروڻ لئه مومل جوڙائي محلات،
جيڪي اچن جلد ۾ سي گهوٽ ڪري پئي گهات،
ٽنگي سر تولن جا ڪري ڪوٽ مٿان قنات،
ڪاهي آيو ڪات تي جنهن کي ڏاتر ڏني هئي ڏات،
وڃي منڌري ڪئي ملاقات، علي مدد مومل سان محلات ۾.

8

مومل سندي ماڙيءَ جو در نه ليي دري،
ڪيئي مرد مري ويا ڦاسي ڦري،
ڏڙ ڪلهن ڪئون ڏار ڪري ڪنگرو بنائي سري،
گهوٽ ويو گهري، علي مدد سوڍو پنهنجي سياڻپ سان.

9

ميندڙي ۾ مومل ملڻ جي پئي هرجاءِ خبر،
ڏيگن ڏورن لکين ماڻهن جانورن جن بشر،
حورن پرين ملائڪن جي نوري ٽيس نظر،
راڻو ٿيو رهبر، علي مدد مومل جي ماڙيءَ جو.

10

مومل ويهي محلات تي پئي حڪم هلائي،
جيڪو عاشق آيو سو گهر پئي گهرائي،
ناز منجهان نهاري پئي سڪ مان سڏائي،
ڪيئي مرد ماريا هن ڦيري ۾ ڦاسائي،
وڍائي سر انهن جا پئي ڪنگرو بنائي،
وجي ميندڙي منجهائي، علي مدد مومل ماڻي محلات ۾.

11

واه واه تنهن مومل جي ڪاريگر جوڙي ڪاڪ،
جيڪي اچن ڏسڻ لئه تنهن کي وجڻ نه ٿئي واڪ،
ڪيئي مرد ماريا مومل پر هڪ راڻو پيس پاڪ،
جنهن لئه سڙي ٿي خاڪ، علي مدد ڏاهي چڙهي ٽاگهه تي.

12

راڻا آءٌ رڙهي تون ڪرهو ڪاهي ڪاڪ،
ميڙيون منٿون آزيون پانڌ پلئه وجهه پاڪ،
ڪائڻ پيئڻ ويهڻ گهمڻ مون کي ويهڻ نه ٿي واڪ،
سڙي ٿيندس خاڪ، علي مدد دم نه ڪنديس دير مون.

13

راڻا تنهنجي راضي ڪرڻ جو مون کي ڍوليا اچي نہ ڍنگ
پالڻون آهي پرين توکي هن ندوريءَ جو ننگ،
دل لاءِ دلبر اچي ڏي ريجهي مون کي رنگ،
لکيل جيڪو ازلئون انگ، علي مدد قضا کنهن تئون نہ ٽري.

14

اوري آءُ اُٽ ڪاهي چڙهئون ناميان ناسازي،
دل منهنجي جو دلبر آهين، مفتي تون قاضي،
مون چور سان راڻا تون ٿيءُ راز منجهان راضي،
محب وساري ماضي، علي مدد حال ڏسي آءُ هيڏي.

15

رنج لاهہ راڻا تون اچ ويل انهيءَ ۾ وري،
ساري ڏنئي سورن جي مون سر مٿي پري،
تنهنجي پرچڻ لاءِ پرين منهنجي ساعت نہ هڪ سري،
جلدي ويندس مري، علي مدد ملڻ ريءَ محب مون.

16

ڪانڌ تنهنجي ڪاوڙ جي پئي نہ مون خبر،
رنيئن چاتي راڻا تون دوست مون دلبر،
پرين پنهنجي پيار جي ڪر نوري نظر،
معافي منور علي مدد، حال ڏسي هيٺي ڏيو.

17

راڻا تنهنجي رهاڻ جو آهه سان اندر ۾ سور،
سواءِ تنهنجي سوڍا مان وڃان پئي وهلور،
نالي ڏٽيءَ جي ناميان اڄ زوراور ضرور،
جيڪو پل پل اندر جو پور، علي مدد لاهه اچي لعلڻ تون.

18

رسي وئين راڻا تون ڏئي دل ۾ درد دلدار،
ياد ڪندي يار توکي پئي روئان زارئون زار،
ڪري قرب قريب ٿيءُ مٺا مون، منٺار،
توکي ڪيان پڪار، علي مدد پانڌ ڳچي مون پائي،

19

راضي راڻا تون اڳڻ منهنجي تي اچ،
ڪاوڙ ڇڏ ڪامڻ سان تون ريجهي مون سان رچ،
محبت تنهنجيءَ جو ميندڙا ٻري من اندر ۾ مچ،
پهچي پرين پرچ، علي مدد منٿ ميجي آءُ منهنجي.

20

راڻا ساري راڄ ۾ سڌ بس تنهنجي ساري،
ڏکي نہ ڇڏ دلبر تون ڪانڌ ڪري ڪاري،
موٽي اچ محب منهنجي ڪر پرين پوءِ واري،
هيڪر اچي هڪ واري، علي مدد جو درد ٻڏي وڃ دل جو.

21

ڏوليا اچي ڏک تون عيب نہ منهنجا کول،
وٺي وڃي ورتون کر پنهنجي قول،
مهٽا ڏنئہ مون مٺا جهجها وڃهي جهول،
رڻ ۾ نہ رول، علي مدد گهر وٺي وڃ گهوٽ تون.

22

راٽا چڏي وئين رات جو هک کري هيکل،
تون نہ ترسئين پرين مون وٽ هک پل،
سار نہ لڌءِ سپرين وري اچي ول،
ٻوڙها وهايا ٻل، علي مدد راهہ ڏسي راٽا تنهنجي،

23

برپٽ بيابان ۾ کيئہ محب منهنجو مقام،
چڏي وئين چوهہ مئون هيءَ کامڻ پائين قيام،
اُڏمان ڏئي پيو اندر تن منهنجو تمام،
وٺي ڏٽيءَ جو نام، علي مدد ساريان توکي سپرين.

24

اڄ منهنجو اکير مئون ٿو ساهہ توکي سڏي،
اڄ راٽا اوري تون گولي وڃ گڏي،
خبر نہ پئي خان تنهنجي چا کئون وئين چڏي،
لعلڻ ويندس لڏي، علي مدد دک کنيون دل ۾،

25

ماٺھو ڏين پيا مھڻا اچي لوڪ پيو سارو لڙي،
رسي وئين راڻا تون چڱا مون سان چڙي،
ڪاوڙجي وئين ڪانڌ تون ڪامڻ ڪري ڪڙي
گھوٽ اچ گھڙي، علي مدد مھڻو لاهي وڃ منھنجو.

26

بات نہ بنديءَ جي راڻا توکي ريجھائي،
قرب ڪري پنھنجو وڃ پير اڱڻ تي گھمائي،
جھنگ سندي جوءِ ۾ نہ راڻا وڃ رلائي،
توکي ڀھڳڻ ٻاڏائي، علي مدد راضي ٿيءُ روح سان.

27

وٿي وڃ ورتون ٻڏي منھنجو آنھون،
جتي چڏي وئين جوءِ ۾ راڻا نہ لہين راھون،
درد ڀريون دل سان دلبر ڪيان دانھون،
چڱا اچي چاھون، علي مدد جا ڏک لاهہ دل سندا.

28

محب نہ ملئين جيئري مئي ملين تہ چا ٿيو،
ساهہ منھنجي کي سھڻا وئين ڏاڍو ڏک ڏيو،
هليو وئين هوت تون ڀھڳڻ ڪيون پيو،
پتو نہ تنھنجو پيو تہ، علي مدد رئين چا تي راڻا تون.

29

سواءِ تنهنجي سوڊا مون پائنيان رڳو بر پٽ،
ساري هن جهان ۾ ناهي محب تنهنجو مٽ،
پيش پيس پرين توکي مون ڳچيءَ وجهي ڳٽ،
منهنجو هينئون سارو هٽ، علي مدد حوالي تنهنجي هوت آ.

30

بندن سندي بات تي تون عجيب ڪيو اعتبار،
سمجهه ڪرين ها سوڊا ور ڪري ويچار،
ساري هن جهان ۾ خان ڪري وئين خوار،
مهڻي هاڻي مون ڪري وئين دليؤن تون دلدار،
هڪ ڏاڍو تون سهڻا ٻي ڏاڍي رب جي سرڪار،
منهن مڙوئي مون ڏي راڻا تون بخشين بخشڻهار،
پر رليءَ جو هڪ راڻو آ نہ تہ آهن هوت هزار،
دلبر تون نہ ڏڪار، علي مدد رليءَ کي هن رڻ ۾.

31

مرد ٿيءُ تون مينڌرا نہ ڏي جوءِ جواب،
سر منهنجي جو سوڊا تون آهين نر نواب،
کهي وج ڪانڌ تون ڪري مون ڪواب،
سهڻا ٿئي مون ثواب، علي مدد هوت هٿن جي مارين.

32

سوال ڪيان ٿي توکي سوڊا اڃي منهن ڏيکار،
مومل کي تون مينڌرا مهڻن ۾ نہ مار،
هٿ رکي ڏس هيناءُ تي ور ڪري ويچار،
سوڊا ڇڏي سنسار، علي مدد مومل وڃي پئي ملڪ مئون.

33

منهنجي مئي ڪئون مينڌرا، خُوش ٿي ويهجان خان،
تير ڪي وجهي ڪمان ۾ هينئي مهٽي سندا ڪان،
عيب رکڻ هن عاجز تي تنهنجو مرڪ ناهي مان،
ڏس ناهي پنهنجو پاڻ، علي مدد مهٽو لاهہ مومل جو.

34

راڻا اڄ راضي ٿيءَ توکي وجهان نالو ناءُ ڏٽي،
خواري ساري خلق ۾ تو گهوٽ ڪئي گهٽي،
ساري عمر سوڍا رهيس تنهنجي پيرَ جي پٽي،
ههڙو هاڃو هٽي، علي مدد مينڌرا نہ وڃ مومل سان.

35

مومل توکي مينڌرا ويٺي ساهہ اندر ۾ ساري،
روز ازل راڻا تنهنجي لڳل آهہ لاري،
سواءِ سان سوڍا تنهنجي گهڙي بہ نہ گهاري،
مومل وڃ ماري، علي مدد سرهي ڪري سوڍا تون.

36

رسي وئين راڻا تون رڻ پٽ رليءَ ڪي رولي،
ڀڳڻ ڀڏي ڀين جو تون عيب رکي وئين اولي،
ماٺ نہ ڪرين ها مينڌرا تون خان ڏسين ها ڪولي،
هاڻي ڀڳوليون توکي ڀڳولي، علي مدد راتيان ڏينهان روح ۾.

37

مومل ڏئي ميندڙا توکي سوالن سندا جواب،
ڪل مدايون محب مون ۾ سارا ڏوهہ ثواب،
سر منهنجي جو سوڍا تون نر آهين نواب،
لکيو قادر منجهہ ڪتاب، علي مدد معافي ڏيڻ تو ميندڙا.

38

راڻا تو ڪئون روح سان پئي مومل معافي منگي،
سور تنهنجو سوڍا مون ڏاڍو پيو ڏنگي،
لٽڪائي وئين لعل منهنجو سارو ساهہ ٽنگي،
ور وئين ونگي، علي مدد دل منهنجي دکن سان.

39

دک لاهہ دل جو اچي ناميان ناءِ خدا،
پرچ اچي هڪ پل ۾ تون جوءِ نہ ڪر جدا،
جيڪا راڻا رهي نہ روئڻ ڪئون تنهنجي ڪر نہ ندا،
ميندڙا موٺ مُدا، علي مدد اچي سزا ڏي سوڍا تون.

40

جان معافي ميندڙا جان سوڍا ڏي سزا،
لکي جيڪا لوهہ قلم ۾ قادر آهہ قضا،
مرڻ سندي مون ميندڙا وجي رب جي رضا،
هاڻي ميندڙا ڏسجان مزا، علي مدد مومل وجي پئي مچ ۾.

41

مومل تنهنجي منهن مقابل راڻو نہ ايندو روۓ بروۓ،
جنهن وئين تون جاۓ تي، سا ويو جاۓ وساري جوۓ،
موٽي ويو مينڌرو وجي راۓ بدلائي روۓ،
جنهن لڄ رکي لوۓ، علي مدد سا راڻي وساري روح سان.

42

راڻي بنا رات جنهن سمهي ساعت نہ سري،
من وساري مينڌرو جنهن ستل سڪ ڌري،
مومل جي ملڻ لئہ ور نہ ايندو وري،
توڙي مومل وجي مري، علي مدد تہ بہ راڻو نہ ايندو راڄ ۾.

43

ويو وساري ڪاڪ راڻو هڪ ئي رات،
مومل جي تنهن من مئون ساري ڪيڏي تات،
مينڌري نہ مومل جي ڪا وائي آندي وات،
برهہ سندي بات، علي مدد مور نہ ڪندو مومل سان.

44

راڻي اڇي رات جو تنهن سيتل ڏٺو سمهيل،
موٽي ويو مينڌرو سو مومل تنهن مهل،
ڪاوڙ جي ويو ڪانڌ وري ڪهن نہ ڪيائين ڪهل،
جيءَ کي ڪري جهل، علي مدد راڻو ويو روح سان.

45

اکين نہ ڏسندو ڪو آدمي ننگ سندي سان ساڻ،
موٽي سو مينڌرو هيئڙ نہ ايندو هاڻ،
جي نہ ساريندو انهن کي تہ پنهنجو جهليندو پاڻ،
روهيءَ سان رهاڻ، علي مدد مور نہ ڪندو مينڌرو.

46

سور ڪٽي ويو سوڍو، منجهان مومل جي محلات،
موٽي ويو سو مينڌرو مور نہ ڪيائين ملاقات،
پڇر ڇڏيائين پل ۾ وري وائي نہ آندائين وات،
خان ڍاهي خيالات، علي مدد ويو مومل جي ملڻ جا.

47

سنبي اندر سيتل سندو پئي راڻي سور سنو
مير اڇي تنهن مومل سان اکين عيب ڏٺو
دنگ ڪري ويو دل سان وري ڪاڪ نہ ويٺو.
ڪڏهن ٿيندو ڪنو علي مدد مومل سان محلات ۾.

48

سور سهي تنهن سوڍي پنهنجي دليؤن دل جهلي،
ويو وساري ڪاڪ کي پنهنجي ڪري بند ڳلي،
مومل نہ ڏسندو مينڌرو سعيو ڪري هلي،
توڙي مومل مري پلي، علي مدد تہ بہ راڻو نہ ايندو راز ۾.

49

سڪ منجهارئون سوڍل ويو ڪشالو ڪاڪ ڪري
در ڪولي دل سان ويو پير اڱڻ تي ڏري،
مرد ڏٺائين محلات ۾ دليؤن ديد ڏري،
تي ويو پل ۾ پري، علي مدد راڻو تنهن مومل سان.

50

اچي ڏٺائين اڪين سان مرد مومل سان گڏ راڻي،
چتائي ڏٺائين چڱي طرح هن سيتل سڃاڻي،
محلات ۾ مرد سان پئي مومل موجون ماڻي،
راڻو موٽي هاڻي، علي مدد ڪڏهن نہ ايندو ڪاڪ تي.

51

مومل تنهن مينڌري کي جهلي چوڏهين سندي رات،
سيئي ايندين سهليون هن جون ڪيئي ڪاهہ ذات،
رانديون ڪندي روحي ڪيان تن سان تنهنجي تات
هڪ رات ۾ آهي تن منهنجي ملاقات،
لڪايائين لعلڻ ڪئون سيتل ڪري سوغات،
سوري سيني اندر سيئي خيال ۾ خطرات،
سڏ مليس سيتل جي آيو چپ ڪري چپات،
سمهيل مرد ڏٺائين محلات ۾ علي مدد مرد راڻي تنهن روءِ بروءِ

52

مومل ڇڏي مينڌرو ويو ڪانڌ ڪاوڙجي ڪالهہ،
راڻو نہ ٿيندو راضي توڙي سَوَ گذرن سال،
سوڍي ڏٺي سيتل سان ظاهر اچي زال،
توڙي هيڏان ڪري حال، تہ بہ علي مدد مومل نہ ڏسندو مينڌرو.

53

مات ڪري مومل تون وڃي گهر پنهنجي گذار،
ڪانڌ نہ ايندو ڪڏهين تنهنجي تنوار،
روحي سو راڻو ٿيو بيحد توکان بيزار،
ور نہ ايندو ڪنهن وار، علي مدد مينڌرو محلات ۾.

54

مينڌرو تو مومل سان ڪڏهن نہ گذاريندو گڏ،
نہ ور اچي ويجهڙو سوڍو ڏيندو سڏ،
سڪ رکي سيتل سان تون تہ اڏايو وڃي آڏ،
هينئر نہ گڏيو هڏ، علي مدد جيئري تو جوءِ سان.

55

جيڪا لڄ نہ رکي لوئيءَ جي سا ڄائي نہ سڏجي جوءِ
راڻو نہ رکيو روح سان هاڻي توڙي پوءِ،
سک ويهي سيتل سان تون گڏجي ڪنئين گوءِ
هاڻي رويو پئي روءِ، علي مدد مومل تون محلات ۾

56

مومل توڙي مينڌرو ڪڏهن ڪاڪ نہ ايندو
سوڍو پنهنجي ساهہ جو سور نہ ڪنهن سان سليندو
راڻو نہ توکي روهي ڪڏهن گڏيندو
نہ ايندو نہ وٺي ويندو علي مدد مومل توکي مينڌرو

57

مومل هئي مينڌري جي هنياءَ سندي پاڙ
جهليل رات چنڊ جي اچي ڏنائين آڙ
اچي ڏنائين اکين سان سيتل سندا ساڙ
مومل ڪري مهاڙ علي مدد مور نہ ايندو مينڌرو

–

ابيات
قاصد پرين ڏانهن

1

خط ڪٽي وڃ خاطي، سگهو پرين کي پڄاءِ،
لوڪؤن لڪي لعلڻ کي ڏاهو ٿي ڏجانءِ،
گهارڻ نہ اچي گنگهر ۾ هوت مون هڪ جاءِ،
دلبر سندي دلجاءِ، اچي ڏج علي مدد کي.

2

خط ڪٽي وڃ خاطي وڃي ڏي جلدي جانب کي،
دم نہ دير هاٽي ترسڻ نہ گهرجي توکي،
من اندر ۾ مچ ٻري دل ۾ دود دکي،
پيو ٿو ڏيل ڏکي، علي مدد جو عجيب لئہ.

3

خط ڪٽي وڃ خاطي، هوت ڏي هڪ دم،
لڪي ڏجاءِ لوڪ کان جتي نہ هجي ڪو آدم،
حال لهي آ هوت جو سهڻي جو سندم،
قرب پري قدم، ايندو ڪڏهن علي مدد ڏي.

4

خط ڪٽي وڃ خاطي، سهڻي کي سگهو ئي،
اتي ڏجانءِ عجيب کي جتي ڪو نہ هجي ڪوئي،
پيش ڪجانءِ پرينءَ کي ڏئي منهنجو حال روئي،
جهڙو آ جو ئي، علي مدد پرتو اوهان کي.

5

خط ڪٽي وچ خاطي، دير نہ ڪر هڪدم،
من منهنجو مونجهہ ۾ ڪوئي نہ وٽي ڪم،
جان جلي سورن جان سارو جسم،
سگهو لاهہ غم، علي مدد جي اندر جو.

6

خط ڪٽي وچ خاطي، اچ محب سان ملي،
حال منهنجي اندر جو ڪولي ڏجانءِ ڪلي،
سورن سنديون ڳالهيون توکي بيشڪ ڪجانءِ پلي،
دوست سندو دلي، ڏي احوال علي مدد ڪي.

7

خط ڪٽي وچ خاطي، ڪجانءِ سهٽي ڪي سدا،
جالڻ نہ اچي اچي جڳ ۾ جانب ريءَ جدا،
جوڳي ٿي جهان ۾ در در ڪيم گدا،
ٿيو صدقو صدا، علي مدد عجيب تئون.

8

خط ڪٽي وچ خاطي، تون وري ڏي ورندي،
ملڻ ريءَ محبوب جي ساعت نہ هڪ سرندي،
خبر پوندي تنهن ڪي جتي باهہ ٻرندي،
گهريو پئي گهرندي، علي مدد جي دل عجيب ڪي.

9

خط ڪٽي وچ خاطي، اچي خير جي خبر ٻڌاءِ،
موليٰ ڏيئي حياتي خير ڪر ئي خداءِ،
ڏڪي تنهنجي در تون لوڪئون ڪين لوڏاءِ
سهڻي جو سوداءُ آهه، علي مدد جي اندر ۾.

10

خط ڪٽي وچ خاطي، لهي آءُ سهڻي جو سماءُ،
دک نہ ڏسي دلبر ڏسي نہ ڪوسو واءُ،
مون کي لولي ڏني پينگهي ۾ سورن سندي ماءُ،
سڄڻ سارو ساءُ، علي مدد وڃايو عجيب لئہ.

11

خط ڪٽي وچ خاطي، تون سڄو سڄڻ ڏي سور،
پريݨءَ سندو اچي پيو پل پل مون کي پور،
ويٺو وڃي پرديس تي ڏينهون ٿي ڏور،
دلبر ڪري ويو دور، علي مدد جنهن جي آسري.

12

خط ڪٽي وچ خاطي، راهہ موليٰ رب جي،
منهن مَٿي ويو مون ڏانهن الائي ڪهڙِ سيجي،
راٽو ڏنم رات هوت اندر حب جي،
ڏينهن توڙي شب جي، علي مدد روئي رت ڦڙا.

13

خط ڪٽي وچ خاطي، ڏٽيءَ جي نالي،
روح راٽي ڪئون جدا ڪين جالي،
شوق جي تنهن شينهن ڪي پرين بنا ڪير پالي،
دلبر دل اندر دالي، اچي ويو علي مدد جي.

14

خط ڪٽي وچ خاطي، واءُ سندو واچوڙو،
تيز وچ تکو ٽي توکي نہ پڄي گهوڙو،
سهٽي سنديون ڳالهيون ٻڌائجان ٽي ٻوڙو،
ڪري چڏ نہ ڪوڙو، علي مدد چئجان عجيب ڪي.

15

خط ڪٽي وچ خاطي، وڃي پرين اڳئون پڙهجانءِ،
جيڪي راڻو چوي راز مئون سو سهٽي جو سڻجانءِ،
حال تنهن حبيب جو خوشيءَ مئون ڪڻجانءِ،
ڳالهہ وڃي ڳڻجاءِ، علي مدد جي عجيب سان.

16

خط ڪٽي وچ خاطي، رکي رب تي توڪل،
اکين اڳيان ڪئي مون سهٽي سندي شڪل،
ڪنجانءِ ااحوال قريب ٽي بيشڪ تون بلڪل،
ساري عمر سڪيَلُ، آهي علي مدد اوهان جو.

17

خط ڪٽي وچ خاطي، جلدي تون جائي،
آهي ڪا عجيب ڪي هيڏي ورڻ جي وائي،
خواري هن خلق ۾ ساري سر تي آئي،
ڪل لهي آ ڪائي، علي مدد ڏي عجيب جي.

18

خط ڪٽي وچ خاطي، وڏي پري وک،
جاڪون ڏنو ڏيهه ۾ مون نہ سنبران نہ سک،
لاه اچي لعلڻ منهنجا دلين سندا دک،
ڏکن مٿان ڏک، آهن علي مدد جي اندر ۾.

19

خط ڪٽي وچ خاطي، ڏجاءِ لعلڻ کي لکي،
دل منهنجي دوست چونهون هئي چڪي،
ملم رک محب اچي پيا هن چاڪ چڪي،
ساري عمر سڪي دل، علي مدد جي دلبر لئہ.

20

خط ڪٽي وچ خاطي، آهيان، سهٽي سڪايل،
دلبر جو دل منهنجي ۾ آهي نينهن جو نايل،
ساري عمر سورن ۾ گهورن جو آهيان گهايل،
ازلئون آهي آيل، علي مدد عاشق اوهان جو.

21

خط ڪٽي وچ خاطي، لهي آ خبر چار،
سوا سورن جي سر ۾ منهنجا واندا نہ آهن وار،
جانب سندا جيءَ ۾ ٻڌتين ڪيا هن ٻار،
نيڻ وهن پيا نار، علي مدد ڪان اڪين مان.

22

خط ڪٽي وچ خاطي، لهي آ سڌ خبر،
سهڻي جي سڪ ۾ منهنجو چري ويو چپر،
بيحد آهيان بيوس وڏي زور زبر،
تکي ڏيکاري تبر، ماري ٿو علي مدد مڏيءَ سان.

23

خط ڪٽي وچ خاطي، ٻجهيون منجهہ ٻالهيون،
محب منهنجي مارڻ لئہ پنبڻن اندر پاليون،
ديدون تنهن دلبر جون هيون دارئنءَ پريون دناليون،
اکيون سدائين آليون، آهن علي مدد جون اچڻ لئہ.

24

خط ڪٽي وچ خاطي، ڏجانءِ سهڻي کي سلام،
سورن آ سوگهو ڪيو تن اندر کي تمام،
مون جهڙا محب وٽ لکين هن غلام،
کهڙو ڪيئہ ڪلام، جو اچين نہ علي مدد ڏي.

25

خط ڪٺي وچ خاطي، جانب هجي جتي،
جنهن جاءِ چڏيو جانب اهو بيٺو آهي اتي،
فيراق سندا فورا ڪتيون پيو ڪتي،
واجهون وجهندو وتي، علي مدد اچڻ جون.

26

خط ڪٺي وچ خاطي، وجي لعلڻ ڪي لهه،
تون تر هڪڙو راٽي ڪان اوري نه رهه،
سدما تنهن سهٽي جا سر پنهنجي تي سهه،
قربئون وجي ڪهه، علي مدد جو سر اڏيءَ تي.

27

خط ڪٺي وچ خاطي، هيءَ برهه سنڌي بات،
ان محل ڏجاڻ عجيب ڪي جو ساري هجي سات،
سر ڏيندم سهٽي ڪي ڪاهي هيڻان ڪات،
گهوٽ پلي ڪر گهات، علي مدد جو ڪنڌ اڏي تي.

28

خط ڪٺي وچ خاطي، تون ڪشالو ڪري،
هيڪل هت حب ۾ پيو تو ڏيل ڏري،
سڪ رکي سيني ۾ آيس عشق اري،
اڏيءَ سر ڏري، علي مدد رکيو عاشق مون.

29

خط کٽي وچ خاطي، ڪري دل وڏي،
گهوريان سر گهوٽ مٿان مال سارو مڏي،
ڪنڌ رکيم قرب مئون هيٺان رکي اڏي،
هوت لئہ هڏي، ڪئي علي مدد قربان آ.

30

خط کٽي وچ خاطي، جتي هجي هوت جو هنڌ،
سور بنا سهڻا سارو واندو رهيو نہ سَندُ،
ڪُڏي اچي ڪاهي ڏنم ڪات هيٺئون ڪنڌ.
اڳين اڳئون انڌ، علي مدد جي اچي ويو.

31

خط کٽي وچ خاطي، ويجهو پرين وٹ،
محب مون ڏانهن منهن تون موران ڪين مٽ،
گهوٽ اڳئون آهيان گهٽ ۾ گهٽ،
سر سارو سٽ، علي مدد اڳئون عجيب جي.

32

خط کٽي وچ خاطي، چاهہ منجهان چس،
ڪري آءُ قرب مئون راٽي وٿان رس،
سڄڻ ڏنا سور جا ڏوران ويهي ڏس،
جانب کي آهہ جس، جو علي مدد کي اداس ڪيئن.

33

خط ڪٽي وچ خاطي، پرين جي پيرن،
تانگھو سمجھي تار کي گھريس مون گھيرن،
ور وڪڙن ۾ واھ نہ ڪا ڦاٿس اچي ڦيرن،
واھر ٿيءُ ويرن، علي مدد جي عجيب تون.

34

خط ڪٽي وچ خاطي، ماريو پرين جي پورن،
جان منھنجي جلائي ساري چڏي سورن،
سا ويل ڪيئن وساريان گھايس جن گھورن،
چڏ ڪين چورن، علي مدد تنھنجي آسري.

35

خط ڪٽي وچ خاطي، راٽي کي ڏجاءِ روءِ،
ٻئي ڪين ٻڌائجاءِ نہ ڪجاءِ واءِ ووءِ،
جاچي ڏسجاءِ جانب کي آه جنھن جوءِ،
اچن جي اوءِ، تہ گھوري گھر علي مدد گھوٽ مٿان.

36

خط ڪٽي وچ خاطي، اڄوڪي ڏينھان،
تکو وچ طلب مان آءُ ڪيئن بيھان،
راتو ڏينھان راٽي لئہ روز ڪيان ريھان،
ڪيڏيون ڪيون ڪيھان، علي مدد عجيب لئہ.

37

خط کٽي وچ خاطي، هو ڏي هيڪر،
جانب اچي جلدي جيءُ جيئاري جيڪر،
اونهي هن اسرار جي وڏي آ ويڪر،
مون کان نہ ٿئي هيڪر، علي مدد تنهنجي آسري،

38

خط کٽي وچ خاطي، تون پرين وٽ وڃي،
ڳجهيءَ هن راز جو متان ڪنهن سان سور مچين،
پورل الائي چاڪئون پيرو وئين پڇي،
محب تنهنجي آ مَڄي، علي مدد غلامي اڪين سان.

39

خط کٽي وچ خاطي، تون سنهيو ساري،
هوت لئہ هر دم هنيو پيو هاري،
دوست ماري دلڙي ڳٽتن ڇڏي ڳاري،
پرين ويو ٻاري، باهہ علي مدد جي اندر ۾.

40

خط کٽي وچ خاطي، ڪئي مون آزي،
پل پل پرين جي طلب لڳڙم تازي،
مون سر ڏنو سڪ مان تون راٿا ٿيءَ راضي،
برهہ کٽندو بازي، علي مدد سر ڏئي سوپ آ.

41

خط ڪٽي وچ خاطي، نينهن سندو نياپو،
ازلئون عاشق آءٌ آهيان ٻيا آهن ٿيا پوءِ،
جانب آهين منهنجي جيءَ جو جياپو،
سمهڻ ۾ سياپو علي مدد وڃايو عجيب لئہ.

42

خط ڪٽي وچ خاطي، اڄوڪي رات،
ٻولي نہ ڪر ٻي ڪر وائي پرين جي وات،
خلق سمجهي خام بري ڪن پيا بات،
حق سندي ذات، علي مدد اڪين سان.

43

خط ڪٽي وچ خاطي، آهين پرينءَ جو پيارو،
ساهہ ساري جو سهڻو آهي جيءَ جو جيارو،
خلق کي آهہ خبر نہ ڪا هي نيهن آهہ نيارو،
جتي ساوڻ ناهي سيارو، اتي علي مدد ڏنو اکين سان.

44

خط ڪٽي وچ خاطي، جتي گهوٽ جو گهر،
دهشتي درياءَ مئون تڪو ٿي تر،
پرين ڪنڏي ڪا نہ ڪا جاري وهي جر،
اتي واهر ٿي ور، علي مدد آهي اداس ٿيو.

45

خط ڪٽي وچ خاطي، ڪر نہ تون دير،
جهٽ نہ جهل پاڻ کي وينو وڃي سگهو سير،
محب ملنديءِ منٽ ۾ ويل انهي وير،
گهريو آهہ گهير، علي مدد اوهان جي آسري.

46

خط ڪٽي وچ خاطي، جاني هجي نر،
تکو وڃ تيز مان ٻڌتن ۾ نہ ٻر،
ڪنڌ نہ ڦير ڪا ڏهين جئين ماءُ ڏسي ڦر،
ٻيهہ نہ ڏسي ٻر، علي مدد تنهنجي آسري.

47

خط ڪٽي وچ خاطي، سمورو حال سارو،
ڪونهي منهنجو ڪوئي آهہ لعلڻ جو لارو،
ساري هن جهان ۾ خلق ڪيو ڪارو،
نينهن هٽي نعرو، ڪيو علي مدد کي اڳتي.

48

خط ڪٽي وچ خاطي، وڃهي ٻڇي ۾ ٻارو،
وس نہ هلي منهنجو ڪو برهہ آ بارو،
قرب ڪر قريب ٿيءُ چلي نہ ٻيو ڪو چارو،
جتي مردن ۾ آ مارو، علي مدد وڃي ٿو اوڏهين.

49

خط کٽي وچ خاطي، ڪاغذ ھي ڪارو،
ڪاھي پيس ڪن ۾ گھٽ ڏسي گھارو،
مدد محب منھنجي آھيان اڻ تارو،
واھر ڪر وارو، علي مدد تنھنجي آسري.

50

خط کٽي وچ خاطي، ڊاري ڊارو،
ياڪي ٿيءُ يگانو جي يار آھي يارو،
تمع رک نہ تن ۾ رک عجيب تي آرو،
جانب ڪوليو جارو، علي مدد جي اندر ۾.

51

خط کٽي وچ خاطي، ھوت ڏي ھٿ،
ڏس نہ ڪنھن ڏينھن ڏي جلدي وچ جھٽ،
اکيون ھتان ٻوٽي وجي پرين وٽ پٽ،
چمي وجي چٽ، علي مدد پير پرينءَ جا.

52

خط کٽي وچ خاطي، جي ڏسئي نہ توکي ڏيھہ،
ھلندو رھہ حبيب ڏي ويل نہ ڪائي ويھہ،
بيھہ نہ ڪنھن بندي سان ريجھي نہ ڪنھن ريھہ،
چڏي سياپو سيھہ، علي مدد وچ عجيب ڏي.

53

خط ڪٽي وچ خاطي، هتان هڪلي تون هل،
تياري ڪر تيز مئون، مرد آهين مل،
ڳجهہ سندي ڳالهڙيءَ سياڻا نہ ڪنهن سل،
آهي سفا اَلُ، علي مدد تنهنجي آسري.

54

خط ڪٽي وچ خاطي، قولِ نہ ڪنهن سان ڦورو،
عشق سندو آڙاهہ ظاهر آهي زورو،
برهہ سندي باهہ جو ڪامي ڪورو،
ڇجي ٽيو ڇورو، اڇي علي مدد پيو آڙاهہ ۾.

55

خط ڪٽي وچ خاطي، وچ نيهن ۾ نچي،
ورنا ايندي ويجهڙي جيڪا هوندي ڪچي،
ڪئي مهر مون تي آ سهڻي پاڻ سچي،
برهہ ڪئون نہ بچي، جيڪو علي مدد اچي آوَيءَ ۾.

56

خط ڪٽي وچ خاطي، ڇڏي ڏيهہ ڏچي،
هليو وچ هوت تہ ريجهي توسان رچي،
محب سندو مچ مچون پيو مچي،
جيڪو پرينءَ ڪاڻ پچي، سو علي مدد ويندو آڳ ۾.

57

خط ڪٽي وڃ خاطي، تون ڏامان هٽي ڏڇر،
ٻول نہ ٻولي ٻي ڪا هوت سندي هچر،
قرب وارا ڪين ڇڏن پرينءَ سندي پڇر،
جيڪي ڪائڙ جا خڇر، سي هلندا نہ علي مدد هوت ڏي.

58

خط ڪٽي وڃ خاطي، هي رڃ سندو راز،
پيش ڪجانءِ پرين کي سورن سندو ساز،
هليا هنج حبيب ڏي ڪين هليا ڪاز،
برهہ ٿي باز، علي مدد کي چائي ويو چنبن ۾.

59

خط ڪٽي وڃ خاطي، تنهنجي وڇڙ جي آ وهي،
پولا پلائيندڙ ڪيترا پئجان نہ رڇن وٺ رهي،
پليون واٿون پلن جون سياٽا ڪجان سهي،
ڪيڙا ڪشالا کهي، وڃ علي مدد اڳتي.

60

خط ڪٽي وڃ خاطي، اڳيئون بلائون آهن، باري،
ڏينهن سارو ڏکن ۾ مٿان رات آ ڪاري،
رڃيءَ هن راهہ ۾ جيت وهن ٿا جاري،
ڪٽندو سو گوءِ ساري، جيڪو علي مدد هلندو هوت ڏي.

61

خط ڪٽي وچ خاطي، تون وَاريءَ ولاهون،
و ندر جي واٽ تي هن مهليون جهلائون،
ڪيئي موٽيا ڪيترا تڏهن تيلانهون،
جيڪي ڪن صلاحون، سي علي مدد نہ هلندا هوت ڏي.

62

خط ڪٽي وچ خاطي، چريو ٿي چاهئون،
بگهڙ باندر بچڙا ڪرڙيون ڪن ڪانهون،
اتي عجيب ڪي دل فاڙي ڪيم دانهون،
اتي ٻڏي من آنهون، علي مدد ايندم اڳيرو.

63

خط ڪٽي وچ خاطي، سمهي نہ ڪر ساهون
راهہ وڃان کهڙي گهٽيون اٿم راهون،
ڪيان سڏ سهٽي ويون سپ واهون،
ٻيهہ نہ ٻڏي ٻانهون، علي مدد هل اڳتي.

64

خط ڪٽي وچ خاطي، تون دليون نہ هڻ،
سور سيئي سهٽي سندا سر پنهنجي تي ڪڻ،
جت وٺي نہ ملندءِ وار جيتري اُتون ٽپي هڻ،
ٽٽيو پيو تڻ، علي مدد هل عجيب ڏي.

65

خط ڪٽي وچ خاطي، ڏج نہ انهي ڏين،
سر منهنجو سارو سوگهو ڪيو سِپُن،
سستي لڳي ساهہ کي چڙهي رءُ چپن،
توڙي تِڪَ تپن، تہ بہ علي مدد هل اڳتي.

66

خط ڪٽي وچ خاطي، هٿ نہ تون هلن،
پڄندين نہ پرين کي جي جهلبين انهن جهلن،
ورندءُ نہ وار جيترو ٿلڻ منجهہ ٿلن،
گهر منجهہ گهلن، علي مدد اچي ويو.

67

خط ڪٽي وچ خاطي، ڏج نہ ڏپ،
بلائون گهٽيون بيحد ڪوهين هٽڻ ڪپ،
ڏباءُ ڏئي دل کي گهٽو پيو گهپ،
نيهن هنيو اچي نپ، علي مدد جي اندر کي.

68

خط ڪٽي وچ خاطي، اڄ جو اڄ،
هوريان نہ هل هوت ڏي پڄيون پيو پڄ،
ڪڍهن ڪندو محب ميلاپو تہ رائي ڪيان رڄ،
وڃيون پيو وڄ، علي مدد عجيب لئہ.

69

خط كٽي وچ خاطي، رائي ۾ نہ رُلُ،
بلائن جو بيشمار هزارين آ هُلُ،
ڪٿڪ مٿان منهنجي ڪاهي پيا ڪل،
بيحد ڏيان بُلَ، علي مدد عجيب ڏي اچڻ لئہ.

70

خط ڪٽي وچ خاطي، پراهون آهي پَٽُ،
پنڌ ڪري پلڪ ۾ وچ جلدي ڪري جهٽ،
برهہ سندي بازي ڪٽي تو ڪٽُ،
سورن سندو ست، ڪنيو علي مدد اکين تي.

71

خط ڪٽي وچ خاطي چڙي ڏوهہ ثواب،
جلدي پنهنجي جان کي ڪري چڙ ڪواب،
سورهن سندو سر وٺي آهي نيهن نواب،
جيڪو ڏئي جواب، سو علي مدد نہ هلندو هوت ڏي.

72

خط ڪٽي وچ خاطي، تنهنجو سهڻو آهي ساٿي،
گهر انهي گهير مان تون جاٽي واٽي،
جي بچين انهن بلائن ڪان تہ ڪو نہ ٻوڙيندو پاٽي،
موج تن ماٽي، جن علي مدد ڏنو اکين سان.

73

خط ڪٽي وچ خاطي، لاهي هي لانگھو
توڙي هجي تار تہ بہ تن ۾ سمجھ تانگھو
پاءِ سنديءَ ڳچيءَ ۾ گلا جو گانگھو
برھ ڪري بانگو علي مدد عشق وارن ڪي.

74

خط ڪٽي وچ خاطي، باري ڏئي پڙڪا،
موج ۾ مهراڻ ٿي گوڙيو ڪري گڙڪا،
ڪاهي پئہ ڪن ڏي ڪيڏا بہ ٿين ڪڙڪا،
راھ ۾ رڙڪا من، علي مدد ٻڌي عجيب اچي.

75

خط ڪٽي وچ خاطي، جلدي ڏئي جھڙڪا،
خيال نہ ڪيو خان مان جلدي پائج ڪڙڪا،
دوست جي ديدار لئہ درياھ نہ ڏئي دڙڪا،
سير مئون سڙڪا، علي مدد ڪيون وچ عجيب ڏي.

76

خط ڪٽي وچ خاطي، هٿين صفا خالي،
درياھ نہ سمجھ دل ۾ سِڪَ ۾ سمجھ نالي،
سڪ توسان سير ۾ وري ايندو والي،
ٿيندي نہ ڪپڙي آلي، سڪ علي مدد جن ڪي ساھ ۾.

77

خط ڪٽي وڃ خاطي، سو سهٽي ڏي سر،
جلدي جانب ڪاڻ گهير انهيءَ ۾ گهر،
سڏو هل سير ۾ ڦير نہ ڪيڏانهن ڪرُ،
جيڪو ترسندو تر، سو هلندو نہ علي مدد هن پار.

78

خط ڪٽي وڃ خاطي، تون ٻُڌتين ۾ نہ ٻُر،
محب لئہ مهراڻ ۾ مريون پيو مر،
اونهي هن اوگهہ ۾ پيو جاري وهي جر،
تريون پيو تر، علي مدد هل تون هوت ڏي.

79

خط ڪٽي وڃ خاطي، تون ٿڏو ٿي نہ ٺر،
درياهہ جي دٻاءَ جو ڏاڍو ٿئيم ڏر،
پنڌ نہ ياڻنج پري آهہ پوَ سندو ٻرُ،
واهر ڪري ور، علي مدد وڃ اوگهہ ۾.

80

خط ڪٽي وڃ خاطي، ڪري خالي هڙ،
دل گولي هن درياءَ ۾ تڙئون ڏي تڙ،
پهتس جنهن پاٽيءَ ۾ مون ڪان ڪا نہ ليي ڪڙ،
اتي آڏو ٿئيم اڙ جتي علي مدد آهہ اڪيلو.

81

خط ڪٽي وچ خاطي، جهلي درياءَ جون دڦون
پاٽي سندي پيٽ ۾ چڪڙ ڏئي چڦون،
گهاتو پائي ڪري راھ ۾ وهن رڦون،
گهٽيون ملن گهڦون، علي مدد عجيب لئہ.

82

خط ڪٽي وچ خاطي، سارو ڇڏي ساھ،
وچ درياھ جي وير ۾ تِڪَ ملي تاءُ،
هڪ رات ڪاري وسي مينهن پيو ڦيو وڃي نہ ڏي واھ،
اتي آڏو آءُ، جتي علي مدد آھ اڪيلو.

83

خط ڪٽي وچ خاطي، گهڙي نہ وجھ گهاءَ،
رڙيون ڪريان راھ ۾ مون سان درياءُ ڪن داءُ،
ساٿي ٿي سيگھ ۾ جتي پروسو ناهي پاءُ،
راضي ٿيندو راھ، جتي اڪيلي علي مدد سان.

84

خط ڪٽي وچ خاطي، هوت ڏي هڪوار،
دهشتي درياءَ ٿو تارئون وهي تار،
سامهون وچ سير مئون پرين سندي پار،
مولا! تون نہ مار، علي مدد کي اڌ سير ۾.

85

خط ڪٽي وچ خاطي، برن وچ ٻچيون،
پاٽيءَ سندي پيٽ ۾ ڪاهون ڪن ڪچون،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي مارن مون کي مڇيون،
دليون جن جون اچيون، سي علي مدد ملندا محب کي.

86

خط ڪٽي وچ خاطي، واٽ تي ڪر نہ ويلا،
ڪاري رات ڪنن ۾ سيگهہ لڳم سيلا،
واڳون وري واٽ تي ڪن مارڻ لئہ ميلا،
پڄندا سي پيلا، علي مدد پڪا هلندا پرينءَ ڏي.

87

خط ڪٽي وچ خاطي، اٿئي پنڌ ٿورو
پاٽي رڳو پٽ پڌرو ملي نہ ڪٿي مورو
اونداهي انڌو ڪا ۾ وسي مينهن زورو
اندر سارو پورو ٿيو علي مدد جو عجيب لئہ.

88

خط ڪٽي وچ خاطي، تون تري پهچاءِ توڙ
هڪ جهڙ جو جهڪور پيو گجڪو ڪري گوڙ
وَرَ پنهنجي کي ويرن ۾ ووڙيون پيو ووڙ
منهن ڪڏهن نہ موڙ علي مدد عجيب ڏئون.

89

خط ڪٽي وچ خاطي، مور نہ تون مُڙ،
انڌاري اوندھہ ۾ ججھو ٽيو جھڙ،
ڳُنن جي ڪڙڪن جون لوليون ۽ لڙ،
ڳچيون پيو ڳرُ، علي مدد وڃي اڳ ۾.

90

خط ڪٽي وچ خاطي، قريب ڏي پيو ڪاھ،
درياھہ سندي پڳ تي ٻاري ٻري باھہ،
اتان وڃڻ جي اڳتي جانب آھي جاءِ،
اتي عجيب آھہ، علي مدد صفا اڪيلو.

91

خط ڪٽي وچ خاطي، ٻنا صفا ياڙي،
باھہ منهنجي بدن کي ساڙيو پئي ساڙي،
ٽپو ڏئي آڙاھہ ۾ آڙو نہ ڏئي آڙي،
اتي ڳوڙھا ڳاڙي پڪار، علي مدد پرين کي.

92

خط ڪٽي وچ خاطي، رکي سر مٿي،
حب ۾ ٽيس هيڪلو نہ تہ جانب هيس وڏي جَتي،
مجب منهنجي من ۾ سور چڙيا آهن ستي،
جيڪو ڪنتئون نہ ڳتِي، سو علي مدد نہ هلندو هوت ڏي.

93

خط ڪٽي وچ خاطي، دوست سندي در،
برهہ سندي باهہ جو، شل منهن هجي ٻَر،
مدد هن مچ ۾ قريب تي اچي ڪر،
پورل تن جي پر، علي مدد عشق جن جي اندر ۾.

94

خط ڪٽي وچ خاطي، تون نينهن ۾ نچندو،
تيز انهي تار ۾ پرين ڏي وچ پچندو،
عشق جي آوهہ ۾ راٽي ڏي وچ رچندو،
برهہ ڪئون ڪين بچندو، علي مدد عشق وارو.

95

خط ڪٽي وچ خاطي، جهلج ڪين جٽن،
نڪري وچ نروار ٿي چوهہ منجهان چٽن،
پچندا نہ پرين وٽ جيڪي خوش ٿي سمهن ڪٽن،
سڪ سندي سٽن، علي مدد کي اداس ڪيو.

96

خط ڪٽي وچ خاطي، ڪري توبه زاري،
سورن سندي سر تي ساري ڪڻ ڪاري،
چڏاءِ جان جهان مان عاشق رهہ آري،
وڃائيندا واري، علي مدد عاشق ويا اوڏهين.

97

خط ڪٽي وچ خاطي، تي پينو جوڳي،
گلا جون گودڙيون مڪر جا مٽڪا راهہ ۾تيءُ روڳي،
پنڌ ڪري پرين ڏي مرلي ڪڻ موڳي،
دل ناهي اوڳي، علي مدد عاشقن جي.

98

خط ڪٽي وچ خاطي، وچ فڪر ۾ ڦرندو
پهچندو سو پار جيڪو گهوٽ لئہ گهرندو
نہ باهہ ساڙي نہ ٻوڏ ٻوڙي ڪڏهن نہ اهو ڪرندو
جيڪو غافل ڳِرندو سو علي مدد عاشق نہ سڏبو.

99

خط ڪٽي وچ خاطي، پرين ڏي وچ پنندو
گلائون گودڙيءَ ۾ گهٽيون وچ ڪتندو
سور سيئي سهٽي لاءِ چاهون وچ چمندو
چني ڪين چنندو علي مدد عاشق ڪي.

100

خط ڪٽي وچ خاطي، تون ڏيل ۾ ڏرندو
ڏپ وڏي ڏاءُ مئون محب ڏي وچ مرندو
عشق جن تي آيو سو ڳٽتين ۾ ڳرندو
چوڻ ۾ ڪين ورندو علي مدد حال حبيب ڏي.

-

ابيات
قاصد جي واپسي

1

خاطيءَ آندي خبر، ٻڌايائين پرينءَ جو پيغام،
چمي اکين تي مون رکيو، نرمل سندو نام،
پڙهايائين اچي پيار مئون سرها هي سلام،
خبر نہ پوندي عام، علي مدد سور بنا سهڻي جي.

2

خاطي آندي خبر، آيو سهڻي ڏانهن سڏو،
ٻڌايائين ڀهگڻ جو جيڪي هيو هن ٻڌو،
خيال سارو خان ۾ جنهن هيو وجودئون وڏو،
ڳولي تن لڌو، علي مدد تن کي اکين سان.

3

خاطي آندي خبر، پرين سندي پار جي،
نہ ڪاڻ تہ آهي ڪنهن جي محب کي ميار جي،
پرواهہ ناهي پرين کي ڏوہڻ جي ٽيڻ ڏار جي،
جيڪو وٽي نہ سمجهي وار جي، علي مدد ايندو اگهڻ ان جي.

4

خاطي آندي خبر، آيو هوت ڏانهن هلندو،
سڪ وارن کي سارين آيو سڏ ڪندو،
هڪدم هلي هوت ڏي چاهون آيو چلندو،
محب تن ملندو، علي مدد جيڪا هلندي جود ۾.

5

خاطي آندي خبر، ٻڌايائين حال سارو،
محب ملندو ان کي جنهن رکيو لعلڻ جو لارو،
نڪري سا نروار ٿي نينهن جو هٽي نعرو،
وجهي ڳچيءَ ۾ ڳارو، علي مدد هلي هوت ڏي.

6

خاطي آندي خبر، ڪيو آيو وڪڙ ور،
سهٽي سڪ وارن جي ڪانهي ڪاڪر،
هلي سا هوت جيڪي ساڙي سيئي گهر،
دلي نه ڪر در، علي مدد سڌو هلي سهٽي ڏي.

7

خاطي آندي خبر، جانب ڏانهن جلدي آيو،
حال تنهن حبيب جو تنهن سارو سڻايو،
تر نه ڪو تنهن تن ۾ لعلڻ جو لڪايو،
تنهن ڀڄڻ جو ٻڌايو، اچي علي مدد کي اڳ ۾.

8

خاطي آندي خبر، جيڪو قربئون آيو ڪاهي،
سڪ جنهن کي سيني ۾ تنهن کي پيو ساهي،
اڪير جنهن کي اندر ۾ عجيب جي آهي،
لاڳاپا سڀ لاهي، علي مدد هلي هوت ڏي.

9

خاطي آندي خبر، اڄ خير سندي خاصي،
هلي جيڪا هوت ڏي سا راهہ ۾ ٿئي راسي،
گهر آهہ گهوٽ ڪي جيڪا وصل جي واسي،
باس جنهن باسي، سا علي مدد هلي اڳ ۾.

10

خاطي آندي خبر، آيو پڇي پرين وٽان،
سا هلي سهٽي ڏي جنهن ڪي سڪ جون سٽان،
ڪائڻ نہ اٿس خوشيءَ جو سمهي نہ پئي ڪتان،
جيءَ ۾ اٿس جهڪان، علي مدد عجيب جون.

11

خاطي آندي خبر، اچي دلاسو ڏنائين دلگير،
ساهہ سوگهو هيم سورن ۾ هئي اندر منجهہ اڪير،
پيغام ٻڌي پرين جو ٿيم ساهہ منهنجو سڌير،
رکيو هيم سڪ سندو سير، علي مدد سهٽي خاطر ساهہ ۾.

12

خاطي آندي خبر، جيڪا هن سهٽي وٽان سٽي،
نيهن سڌو نياپو آيو خان سڌو مون ڪٽي،
قريب جي قاصد مون سان ويهي ڳالهہ ڳٽي،
گهوٽ سڏي گهٽي، علي مدد بابت ٻڌايائين برهہ جي.

–

ابيات
سهٽي/ ميهار

1

ميهر سندي من ۾ سڪ رکي جن،
نيهن سندي نفيل جي پئي ڪوڪ تنين جي ڪن،
سا سبزي هلي سڪ واري محبت رکي من،
ڏئي حياتي کي ٻن، علي مدد گهري پئي گهير ۾،

2

پَريِنءَ پير درياءَ جي چڙي ڪئي چونگار،
برهه سندي بين جي تاري ٿي تنوار،
دل جن جي دلبر لئه سڪ ڪئي آ سنوار،
پڇي سا ميهار، علي مدد هلندي اڳ ۾.

3

درياءَ سندي پير تي ڪاجا ٿيم ڪوڪار،
نيهن سندي نفيل جي پرين ڪئي پڪار،
ميهر جي ملڻ جي دل ۾ جن درڪار،
هڪدم اها هيڪار، علي مدد هلندي هن پار.

4

ميهر جي مينهن جي وجي پئي چڙي،
سنبري هلي سڪ واري مور نه سا مڙي،
عشق جنهن جي اندر ۾ گهير سا گهڙي،
جيڪا علي مدد اڙي، سا سگهو گهرندي سير ۾.

5

سور جنهن جي سيني ۾ واندو نہ هيس وار،
دهشتي درياءَ ۾ هلي ساهن پار،
پاٽي گهڻو سير ۾ وهي تارئون تار،
ڪري ترڻ سندي ڪار، علي مدد ويندي اوڏهين.

6

هڪ ڪن سندو ڪڙڪاٽ ٻيو رات ڪاري،
جهڙ جهڪو ۾ پوي مينهن باري،
محبت جنهنجي من ۾ سگهو ويندي سڪ واري،
گهڙي نہ وجهندي گهاري، علي مدد محب مهيار ڪئون.

7

ميهر ڪاهي مينهون آيو درياءَ سندي پڪ،
ساهيون پيو سڏ ڪري آهي پيتل جنهن جي پڪ،
گهري پوري گهير ۾ سيني جنهن جي سڪ،
هزارن مان هڪ، علي مدد ايندي اوگهہ ۾.

8

سڪ واري هئي سهڻي جيڪا نہ ڏاري رات،
سنجهي هلي سڪ واري تن ۾ ڪري تات،
ٻولي نہ ٻولي ٻي ڪا ڪري مِهر سندي بات،
وائي جنهن جي وات، سا علي مدد هلندي اڳ ۾.

9

سڪ منجهارئون سهڻي پئي رات ڏينهن ڪاهي،
ميهر رڪيائين من ۾ پيا ڏڦ چڙيائين ڏاهي،
اُڻُ تڻ جنهن کي اندر ۾ ميهر سندي آهي،
سڪ مان جيڪا ساهي سا علي مدد ويندي وچ ۾.

10

سعيو ڪري سهڻيءَ قربئون ڪئي وجي ڪاهہ،
دلو ڪڇي دل سان اچي گهري منجهہ درياهہ،
سر پنهنجو سڪ مان صدقي ڪيائين ساهہ،
اتي اچي همراهہ علي مدد ميهر ٿيس منٺ ۾.

11

عشق جنهن جي اندر ۾ ڪنيو تنهن دلو،
گهري پئي گهيري ۾ ڳوليئن ڪو نہ ڳلو،
درياءَ جي ٽپڻ جو بيحد ڪيو تنهن پلو،
نسورو نِلو علي مدد سر سهڻيءَ گهوريو.

12

سر گهوريندي ساهہ جنهن جي اندر ۾ اڪير،
مِهر پڪارن ڪيتريون پر سهڻي گهري اچي سير،
من جنهن جي ميهر وسي سا پئي نيڻن وهائي نير،
دل جنهن جي دلير علي مدد تنهن سانگو لاٿو سر جو.

13

سھڻيءَ لاٿو سڪ مان سر سندو سانگو،
عشق جنھن جي سر آيو، سانگ ٿيندي تانگو،
بس نہ ڪر برھہ واري ڪري روئڻ جو رانگو،
لنگھي سا لانگھو، علي مدد ويندي اڳ ۾.

14

ميھر ڪاھي مينھون آيون آڏي ڏئي اٿاري،
ڇوڙي آيو چوھہ مان چاھہ منجھان چاري،
سڪ سھڻيءَ جي ڏسڻ لئہ اچي بيٺو درياءَ جي ڪناري،
سڏيو پيو ساري، علي مدد عشق واريءَ کي.

15

ميھر پنھنجي نڙ کي ڏني فيراق جي ڦوڪ،
عشق واريءَ کي اچي سيئي ڪا جا ڪن تي ڪوڪ،
اڌ مون ڏئي اٿي پئي ھلي محب ڏي ملوڪ،
سڪ سنڌا سلوڪ، علي مدد سھڻيءَ ھيا سيني ۾.

16

سڪ سچيءَ ۾ سھڻي سارو ھئي سور،
ڏکن ڏولاون ۾ پريل ھئي پرپور،
ميھر ريءَ ملڻ جي وچي پئي وھلور،
دم نہ ڪري دور، علي مدد پنھنجو پاڻ پرين ڪئون.

17

سڪ سهڻيءَ ڪي سيني ۾ اندر عشق سچو
برهه هيس بدن ۾ نه هيس ڪجهه بچو
ديد ساري دلبر ۾ ڏسي ڪو نه ڏچو
روز شب اچو علي وجي سيئي مِهر سان.

18

ميهر ملڻ لئه سهڻي ويندي هئي سدائين،
سڌ نه تنهن کي سور جي ڪل نه پئي ڪائي،
ته منهنجي مارڻ لئه مائٽ ڪندا ڪا مدائي،
ڪو نه ڏنائي ڪا ڏهين ته ڪا دل ۾ آ دغائي،
دلو ڪڇي دل سان درياءَ پر تي آئي،
گهري پئي گهير ۾ جانب لئه جائي،
دل سان دلبر لئه هن وڏي ڪئي وفائي،
تنهن جان جلائي، علي مدد سگهو ئي سير ۾.

19

مِهر جنهن جي من وسي سا سهڻي هئي سڪ،
آڌيءَ اُتي اڌ رات جو ڇوهڻ ڪري ڇڪ،
پريءَ سندي پار ڏي وجي پرين پڪَ،
هيڪل ڪاهيون هڪ، علي مدد ملي پئي ميهر سان.

20

سهڻي جي سڪ جو ڪو انت نه هو شمار،
هڪ عشق منجهه اندر ۾ بيو برهه سندو بار،
سواءِ سورن جي سهڻي جو واندو نه هيو هڪ وار،
جوش سندو جار، علي مدد ميهر جو هيس من ۾.

21

سڌ نہ رهي سهٽي کي تہ ڪا عشق ڪندو ايڏي،
سور اڇي سيني ۾ هوت ڪندو هيڏي،
دوست جي ديدار لئہ ڏس ڪامڻ سان ٿي ڪيڏي،
خوشيءَ منجهان ڪيڏي، علي مدد سڪ نباهي سهٽي.

22

سهٽي پنهنجو هيو پيچ پرين ءَ سان پاتو،
ميهر جي ملڻ لئہ عشق ڪيس پئي آتو،
ڪاهي پوي ڪن ۾ ڏينهان توڙي راتو،
نيهن سندو ناتو علي مدد سهٽي نڀايو سير ۾.

23

سڪ سهٽي سور سهٽي ساري سهٽي پاڻ،
عاشق سهٽي معشوق سهٽي ميهر سهٽي اندر پاڻ،
نيهن سهٽي ناتو سهٽي پيچ سهٽي پاتو پرين ڪاڻ،
دلو سهٽي درياءَ سهٽي سير سهٽي ڄاتو اهو ڄاڻ،
گهري سهٽي تي سهٽي ٻڏي سهٽي لڳس ٻاڻ،
ڏاهي ڏنو هيس ڏاڻ، علي مدد سرڪي وقت سهاڳ کي.

–

ابيات
عمر/ مارئي

1

واجب ناهي وير توکي ڪرڻ هيٺيءَ تي هَلان،
قابو هن ڪوٽ ۾ جليون ويٺي جلان،
غزب نہ ڪر غريبن سان ٽل نہ ويهي ٽلان،
موڪل ڏي ملان وڃي، علي مدد اباڻن سان.

2

ظلم نہ ڪر زيادتي چو هؤن ڏي چڏي،
تنگ نہ ڪجي تنهن کي جيڪا رهي تڏي،
دلئون منهنجي دل ٽي سرتين کي سڏي،
چڏ غريب کي گڏي، تہ وڃي علي مدد اباڻن ڏي،

3

جانب توکي نہ جڳائي ڪرڻ مون کي تنگ،
ماري هن مسڪين کي ٽنگيون نہ ٽنگ،
جوٽ نہ تون جنگ علي مدد اباڻن سان.

4

ظالم نہ ڪر زوراور آهن، هيٺان منهنجا هڏ،
خوشي مان خان تون ڪوٽ منهنجي گڏ،
ماندي مارن لئہ پئي اوريون ڪيان سڏ،
تڏيون تہ ڏي تڏ، علي مدد مون سان ايتري.

5

ڏاڍا نہ ڪر ڏاڍايون آهيان مان مسڪين،
قابو هن قيد ۾ غريب آهيان، غمگين،
سور ڪري ٿا سوڪڙيون ٿا مارو موڪلين،
ڏکيا ڏوراپا ڏين، علي مدد مون کي اچڻ جا.

6

جائز ناهي جانب توکي جيئري ڪرڻ جيئري ڪرڻ جدا،
ڪيڏي چڱ قيد مان امير تون ادا،
هردم توکي هر ويلي ڪيان مون سدا،
مون ڪندس سر فدا، علي مدد مٿان اباڻن جي.

7

موڪل ڏي مير تون ملان وڃي مارن،
سڪ منجهان سائين مون کي سانگي پيا سارين،
ڏنارن کان ڏار مون کي ڳٽتيون پيون ڳارن،
ميارون مون مارن، علي مدد اباڻن جون.

8

ڪيڏي چڱ قيد مان ڪري وڏي دل،
خوشيءَ مان خان تون مون کي مُلڪِ موڪل،
مِلان وڃي مارن سان جانب مون نہ جهل،
ريجهي مون کي رل، علي مدد اباڻن سان.

9

ناحق نہ ڪر نڏر سان ڏس شاهي پنهنجو شان،
بي ڏوهياڻي بند ڪرڻ تنهنجو مرڪ ناهي مان،
سورن سنديون سختيون اهڙيون ڏي آءُ نہ،
جلدي تون جوان، ڪڍ علي مدد کي ڪوٽ مان.

10

سارينديي سگهارن جو مون کي پيڙو پور،
بيوس هن بند ۾ اچي ديسئون ٿيس دور،
مارن جي ميارن جو سچر جهاڳيم سور،
چٽ سارو ٿيو چور، علي مدد منهنجو اباڻن لئہ.

11

اج اباڻن کي ادس ٿي ساهہ منهنجو ٿو ساري،
ڏنارن ڪئون ڏار مون ڳڻتي پئي ڳاري،
مارن جي مهڻن جو مون کي مرم پيو ماري،
هنجون پئي هاري، علي مدد آب اباڻ لئہ.

12

ڪڍ عمر ڪوٽ مان ويهار نہ پراڻو وياءُ،
پاءُ سڳو تون آهين، اهو ناميان آهي نياءُ،
پڇي وج پيڻ کان تو هوت ڪري حياءُ،
سمجهڻ سياپو ساءُ، علي مدد وڃايم اباڻن لئہ.

–

ابیات

1

ويهه پرين وٽ ويهه، وعليڪم السلام،
پلي آئين جيءُ آئين تون سڻ سورن جو ڪلام،
محب تنهنجي ملڻ جي طلب هيم تمام،
ڏيون علي مدد ڪي انجام، پوءِ وڃ پرين تون.

2

ويهه پرين ويهه، توکي ڪيان بسم الله،
هلي آئين هوت تون شڪر الحمد الله،
لک ٿورا رب جا سبحان الله،
ڏئي علي مدد ڪي وڃ ۾ الله، پوءِ وڃ پرين تون.

3

ويهه پرين ويهه، ڪر روحي مون سان رهاڻ،
عطر عنبير هاري ساري ڪريان سرهاڻ،
سگهو ويهه سيج تي چڙهه وڃڻ جي تاڻ،
اڳ ۾ دل علي مدد سان واڻ، پوءِ وڃ پرين تون.

4

ويهه پرين ويهه، توکي عجيب ڏنو مون آئين،
وائي وڃڻ جي دلبر ڪنهن ڪئون ريت سڪئين،
پيرن سوڙو پرين تون سيئي جيءَ ۾ مون جڪين،
ملي علي مدد سان ٻکين، پوءِ وڃ پرين تون.

5

ويھہ پرين ويھہ، تنھنجي ناميان ڏيان نوڪري،
ڪيان جان قربان ساھہ سوڌي سري،
سامھون منھنجي سھٹا وار بہ نہ وري،
ڏسي علي مدد ڏي ڦري، پوءِ وج پرين تون.

6

ويھہ پرين ويھہ، توتان گھوٽ وڃان گھول،
پردو لاھي پرين تون منھن سارو ڪول،
لعلڻ پنھنجي لبن سان ٻولي ڪا تون ٻول،
ڪري علي مدد سان قول، پوءِ وج پرين تون.

7

ويھہ پرين ويھہ، مون گھوريان سارو ساھہ،
ڏس سھٹا مون ڏکيءَ کي سنئون سڌو راھہ،
محبت تنھنجي ۾ مٺا پئي ٹيان پاھہ،
ڪيو علي مدد سان ٺاھہ، پوءِ وج پرين تون.

8

ويھہ پرين ويھہ، تون جانب آئين جيءُ،
دل جو تون دلبر گڏ پيالو مونسان پيءُ
پيش آھہ پرين توکي حال منھنجو ھيءُ،
راضي علي مدد ئي ٿيءُ، پوءِ وج پرين تون.

9

ويھہ پرين ويھہ، تون قبول منھنجي قرباني،
گھر سارو گھوريان جان سوڌو جاني،
مال مڏيون ملڪيت محب تنھنجي مھماني،
لاھيون علي مدد تان حيراني، پوءِ وج پرين تون.

10

ويهه پرين ويهه، تون رهه اڄوڪي رات،
ٻولي نہ ڀهڳڻ تون وچڻ واري وات،
دل سان ٻڌاءِ دلبر تون برهه واري بات،
ڪري علي مدد گهات، پوءِ وڃ پرين تون.

11

ويهه پرين ويهه، توکي قدرت آٽي چڪي،
دلبر مون کي دل تئون ڇڏ نہ تون ڏکي،
سهڻا تنهنجي صحبت لاءِ ساهه منهنجو سڪي،
تنهنجي دل علي مدد ٽڪي، پوءِ وڃ پرين تون.

12

ويهه پرين ويهه تہ ٿئي سهڻا مون ثواب،
جلدي وڃ نہ جانب ڏيون مون جواب،
سونهن ساريءَ جو سهڻا آهين تون نواب،
ڪري علي مدد تنهنجو طواف پوءِ وڃ پرين تون.

13

ويهه پرين ويهه، ڏي دلبر دل گهٽي،
مون کي ڏيکار محب تون اکين سندي اٽي،
نهار مرڪي ناز مئون کولي لب کٽي،
ٻڄي علي مدد جو ڏٽي، پوءِ وڃ پرين تون.

14

ويهه پرين ويهه، توسان مس ٿي ملاقات،
سارو سهڻو تون سهڻا ساري سهڻي تنهنجي ذات،
طاقت ناهه تن ۾ جو ڪيان مون صفات،
رهي علي مدد وٺ رات، پوءِ وڃ پرين تون.

15

ويهه پرين ويهه، مون کان پلڪ نه ٿيءُ پري،
توکي ڏسي سهڻا پئي منهنجي دل ٺري،
قدمن تئون قربان وڃان جيڪي آيا پنڌ ڪري،
دل علي مدد وٺ ڏري، پوءِ وڃ پرين تون.

16

ويهه پرين ويهه، تون سامهون منهنجي سرڪار،
ڪاوڙ ن ڪر قريب تون ڪاءُ نه مون سان ڪار،
ٽڏيون ڳالهيون ڪري ناهڻ جون دلبر دل ٺار،
اڳ ۾ علي مدد اٿار، پوءِ وڃ پرين تون،

17

ويهه پرين ويهه، ته سور ٻڌايان سارا،
جيڪي ڏنئه جانب مون کي برهه سندا بارا،
پيش ڪيان پرين توکي مون وجهي ڳچي ڳارا،
واريون علي مدد جا وارا، پوءِ وڃ پرين تون.

18

ويهه پرين ويهه، ڇڏ نه مون کي ڇني،
اصلؤن آهيان اوهان جي ڪوجهي توڙي ڪني،
دل توکان دلبر مون ڀيريون هئي ڀني،
دليون علي مدد سان گڏي پوءِ وڃ پرين تون.

19

ويهه پرين ويهه، ڪجهه چوڻ مون وٺو
ساري عمر پئي سهڻا مون سور سٺو
دکي پيو اندر ۾ برهه سندو ٻٺو
ڪيون علي مدد ڪنو پوءِ وڃ پرين تون.

20

ويهه پرين ويهه، ڏي حال مون خاصو،
لکي پڌاءِ لوڪ ڪئون خيال خلاصو،
قدر ڪر ڪميڻيءَ جو محب هڪ ماسو،
وٺي علي مدد جو پاسو پوءِ وڃ پرين تون.

21

ويهه پرين ويهه، ڏي پيار ڪرڻ جي پڪ،
سور منهنجي سيني ۾ ڇهنديون هڻن چڪ،
پرين گهلاءِ پيار جي جلدي مون جَهڪ،
لنگهايون علي مدد جا لڪ، پوءِ وڃ پرين تون.

22

ويهه پرين ويهه، تون ديدار ڪرائج ويهي،
عجيب منهنجي اندر ۾ پرين آءُ پيهي،
قابو ڪر قرب ۾ تون رانول دل ريهي،
سمجهي علي مدد نيهي، پوءِ وڃ پرين تون.

23

ويهه پرين ويهه، منهنجي گهوٽ گهڙي گهر،
ساجهر وڃڻ جو سهڻا تون سعيو نه ڪر،
هڪ ڇڏي هيڪلي تون پرين ته وڃ پر،
هٽي قلعو علي مدد وٺ جر، پوءِ وڃ پرين تون.

24

ويهه پرين ويهه، تون غم منهنجو لاهِ،
جيءُ سارو هي جانب منهنجو بلي ڪنهن جي ناهِ،
هنڌ منهنجي هنياءَ ۾ ويهڻ تنهنجي جو آهِ،
دل علي مدد جي ناهِ، پوءِ وڃ پرين تون.

25

ويھ پرين ويھ، توکي مولئ آندو مس،
راز مان رانول تون ريجھي ڪر مون سان رس،
توکي جاچڻ لئہ جانب مون وڏا ڪيا وس،
ڪکين علي مدد سان رس، پوءِ وچ پرين تون.

26

ويھ پرين ويھ، وري ستت اچڻ مشڪل،
دل منھنجي ڪئون پري نہ ٿئيءُ پل،
جھٽ پٽ جانب تون سنبري نہ ھل،
سمجھي علي مدد پرتل، پوءِ وچ پرين تون.

27

ويھ پرين ويھ، تون لعلڻ نہ لڏ،
پکا آٽي پرين تون اوري اچي اڏ،
عجيب مون کي ايترو تڏيون نہ تڏ،
اڳ ۾ علي مدد سڏ، پوءِ وچ پرين تون.

28

ويھ پرين تون، سگھو نہ وڃ سامي،
سھڻا تنھنجي صورت جي ڪئي مون سلامي،
وائي چڏ وچڻ جي تون عجيب ٿيءُ آرامي،
قبول علي مدد جي غلامي، پوءِ وچ پرين تون.

29

ويھ پرين ويھ، توکي آندو ھت خدا،
سالن کان وني سھڻا مون رھيس جاني جدا،
گھاريم پئي گھنگھر ۾ ڪيون سر فدا،
سٽي علي مدد جي سدا، پوءِ وچ پرين تون.

30

ويهہ پرين ويهہ، تون ناميان گهڙي نند،
بيوس هن بنديءَ سان فهلاءِ نہ فند،
سڄڻ ويٺي سوريان تنهنجي مون تند،
ڏسي علي مدد کي رند، پوءِ وڃ پرين تون.

31

ويهہ پرين ويهہ، تہ کي ڳالهيون کيون ٻہ چار،
پلا ويهي پر ۾ گڏ گهڙي کا گذار،
دلئون پنهنجي دل سان پرين کر پيار،
کري علي مدد کي تيار، پوءِ وڃ پرين تون.

32

ويهہ پرين ويهہ، کر محب نہ مون ماٺ،
سورن سوگهو کري ڇڏيو سر منهنجو ساٺ،
سامهون تنهنجي سهڻا عقل ٿيو اياٺ،
وسايو علي مدد جو پاٺ، پوءِ وڃ پرين تون.

33

ويهہ پرين ويهہ، تون وڃ قرب کيون،
محبت جون ڳالهيون محب توکي جيکي مون چيون،
سي سمجهاٽي ڏي سهڻا کري مون سنيون،
دل علي مدد کي ڏيون، پوءِ وڃ پرين تون.

34

ويهہ پرين ويهہ، تون رانول پئہ رهي،
سواءِ تنهنجي سهڻا منهنجو آه کو نہ پهي،
ڏکاري نہ ڇڏڻ جي دلبر کري ڏي صحي،
ناهہ ۾ علي مدد سان نهي، پوءِ وڃ پرين تون.

35

ويھ پرين ويھ، تون وڃ ڇڳو پَلو چيون،
ڳالھيون ٻڌاءِ ڳجھ جون ناميان مون نيون،
دکيون دليون دلبر تون کي پلئہ آھن پيون،
دليئون علي مدد نِيون، پوءِ وڃ پرين تون.

36

ويھ پرين ويھ، ڪو پيارا ترسي ھت پھر،
ڏار ڪرڻ جو دلبر تون ڪر نہ مون سان قھر،
برھ سندي بات جو ڪولج تون بحر،
لاھيون علي مدد جو بيجر، پوءِ وڃ پرين تون.

37

ويھ پرين ويھ، گڏ گھڙي ڪا گھار،
ويھي منھنجي وستي تي ڪو پيچ پرين جو پار،
جڏي دل کي جانب تون جام ڏئي جيئار،
دان علي مدد کي ڏيار، پوءِ وڃ پرين تون.

38

ويھ پرين ويھ، ڪي ڳالھيون ڪيون ڳچ،
ويجھو آءُ سپرين اوري تون اچ،
ريجھي رانول راز مئون محبت جو ٻار مچ،
اڳ ۾ علي مدد سان پرچ، پوءِ وڃ پرين تون،

39

ويھ پرين ويھ، ھت ڇني نہ تون ڇڏ،
راضي ٿيءُ روح سان تڏيون نہ مون سان تڏ،
دليئون مان دلبر آھيان تنھنجي ھڏ،
گڏيون علي مدد کي گڏ، پوءِ وڃ پرين تون.

40

ويھہ پرين ويھہ، هوت نہ چڍ هيڪلي،
دل منهجي دلبر تو سان مس آ ملي،
احوال ڏي اندر جو دوست مون دلي،
ڪولي علي مدد جي ٻلي، پوءِ وچ پرين تون.

41

ويھہ پرين ويھہ، تون گهوٽ نہ وجھہ گهاري،
باھہ منهنجي بدن ۾ پرين تو آ ٻاري،
وڇڙيل آهيان ورهن ڪئون تيز نہ ڪر تياري،
سهٽي ٻالهہ علي مدد جي ساري، پوءِ وچ پرين تون.

42

ويھہ پرين ويھہ، تون خوشيءَ منجهارئون ڪلي ڪاءُ،
قرب ڪري قريب ٿيءُ اوري تون آءُ،
سڪايل کي سهٽا گهڙي نہ وجھہ گهاءُ،
ڏيون علي مدد کي نياءُ، پوءِ وچ پرين تون.

43

ويھہ پرين ويھہ، سمجھہ نہ مون ڏاري،
دل منهنجي دلبر ٻُٽتين آھ ٻاري،
من منهنجي ۾ محب تنهنجو برهہ لڳو اٿم باري،
ڪري راھہ علي مدد جو جاري، پوءِ وچ پرين تون.

44

ويھہ پرين ويھہ، اجان نہ تون وڃ،
محبت هن مسڪين جي محبت تون مڄ،
غريب هن غمگين جا سوال ڪٽي تون مڄ،
ڏئي علي مدد ڏئون پڄ، پوءِ وچ پرين تون.

45

ويھ پرين ويھ، تون ريجھي مون سان رل،
برھ واريون باتيون، سياڻان مون سان سل،
پيار ڪرڻ ڪنئون پرين جھليون نہ مون کي جھل،
پاڻ نہ علي مدد ڏانھ پل، پوءِ وڃ پرين تون.

46

ويھ پرين ويھ، تون موران منھنڙو نہ مٽ،
سري ويھ سامھون خان خوش ٿي ڪٽ،
ماريون ھن مسڪين کي جلدي نہ وڃ جھٽ،
دک علي مدد جا ڪٽ، پوءِ وڃ پرين تون.

47

ويھ پرين ويھ، ڪر پڪو مون سان پيار،
ھوت ڪٽي ھيڏي تون ڪر اکين جو آر،
محب منھنجي محبت سان ڪر وصل جو وار،
لاھي علي مدد جو بار، پوءِ وڃ پرين تون.

48

ويھ پرين ويھ، تون راضي ٿيءُ راڻل،
محبت تنھنجيءَ جو سپرين سر منھنجو آ سائل،
ڪر دليون علي مدد داخل پوءِ وڃ پرين تون.

49

ويھ پرين ويھ، تون محب نہ وڃ مور،
سڪايل ڪئون سپرين دلبر نہ ٿيءُ دور،
تن منھنجو تنھنجي ڪاڻ آھي سارو چڪنا چور،
دک علي مدد جا پور، پوءِ وڃ پرين تون.

50

ويهہ پرين ويهہ، تو تان گهريان سارو سر،
ڪوجهي هن ڪمينيءَ ڏئون عجيب نہ ڪرارُ،
گولي جي گهر ۾ گهوٽ تون ڳِهرُ،
اڳ ۾ ويهہ علي مدد جي پر، پوءِ وچ پرين تون.

51

ويهہ پرين ويهہ، مون دلبر ڪر نہ ڏار
سر منهنجي ۾ سهٽا ڏکن ڪيڍيا هن ڏار،
ستت مون کي سپرين سائين نہ وسار،
ڏئي علي مدد کي پتا پار، پوءِ وچ پرين تون.

52

ويهہ پرين ويهہ، توکي جيءُ ۾ ڏيان جاءِ،
پيچ اچي پريت جو مون سان لعلڻ اچي لاءِ،
دل منهنجي جي دلبر ٻيچ نہ تون راءِ،
گڏي علي مدد گڏاءِ، پوءِ وچ پرين تون،

53

ويهہ پرين ويهہ، نينهڙو مون نياءِ،
اڳ ۾ هل عجيب تون ڪيڍ مون کي لاءِ،
طلب ڏاڍي تن ۾ اڪير مون کي آهِ،
سڪ علي مدد جي لاهہ، پوءِ وچ پرين تون،

54

ويهہ پرين ويهہ، توتان گهوٽ وڃان گهور،
پيار منجهان پرين تون اوري ڪر اور،
قرب مان قريب ٿي قلب جي لاهج ڪور،
ڏئي من علي مدد مور، پوءِ وچ پرين تون.

55

ويھ پرين ويھ، تون محب ڪر مون مقال،
حب تنھنجيءَ ۾ حبيب سڪندي ٽيال سال،
پيار تنھنجي ۾ پرين مان جر وھايان جال،
اوري علي مدد سان حال، پوءِ وڃ پرين تون.

56

ويھ پرين ويھ، هتون هوت نہ تون هل،
حال پنھنجو حبيب تون هن سڙيءَ سان سل،
راز مئون رانول تون ريجھي ڪٽي رل،
لاهي علي مدد جو هُلُ، پوءِ وڃ پرين تون.

57

ويھ پرين ويھ، تہ گھوٽ گھڙي گڏ گھاريئون،
رَنُمِ پئي رت ڦڙا تنھنجي راھ نھاريون،
مولي تنھنجون مس هن واڳون هيڏي واريون،
دل علي مدد جي جياريون، پوءِ وڃ پرين تون.

58

ويھ پرين ويھ، تو مان سڄڻ لاهيان سڪ،
پيار پنھنجي پرين تون پيار مئون پڪ،
سوين سوالي در تنھنجي تي هيءَ بہ آهي هڪ،
ويھ علي مدد جي پڪ، پوءِ وڃ پرين تون.

59

ويھ پرين ويھ، ڪا ڳجھي ڪر مون ڳالھ،
بي راهي ڪي رهبر تون چڱي ڏس ڪا چال،
ننگ هن نندوريءَ جو پرين تون پال،
ورتيون علي مدد نال، پوءِ وڃ پرين تون.

60

ويهه پرين ويهه، تون اکيون اوري آڻ،
ڪوجهي هن ڪامڻ جي ڪانهي توکي ڪاڻ،
محب منهنجي من ۾ موجون ويهي ماڻ،
اڳ ۾ علي مدد اماڻ، پوءِ وڃ پرين تون.

61

ويهه پرين ويهه، توکي ڏسي نه ٻيو ڪو ڏيهه،
اڃي مهنجي اکين ۾، پرين تون پيهه،
گهڙي ڪا گهوٽ تون، ويجهو ٿي مون ويهه،
وڃائي علي مدد جو سياپو سيهه، پوءِ وڃ پرين تون،

62

ويهه پرين ويهه، ڏي خاصي مون خبر،
پل نه هڪ پري ٿيءُ دوست مون دلبر،
ماد نه مسڪين کي منا تون منور،
پرچ علي مدد سان پرور، پوءِ وڃ پرين تون.

63

ويهه پرين ويهه، تون پرين نه ڪر پرواز،
ديهي منهنجيءَ ۾ دلبر آ سورن جو سندو ساز،
کولي ٻڌ خان تون اوکي جو آواز،
ڏئي علي مدد کي راز، پوءِ وڃ پرين تون.

64

ويهه پرين ويهه، عجيب نه ٿيءُ آري،
تنهنجي در تي دلبر توبه منهنجي زاري،
باهه منهجي بدن ۾ باهه آهي ٻاري،
ڪيون علي مدد جي پوءِ واري، پوءِ وڃ پرين تون.

65

ويھ پرين ويھ، ڪا رات رلجي رَھُ
برھ واري بات تون قريب ٿي ڪھ،
دکيءَ هن دل کي دلبر ڪو ڏس پھ،
ڪري علي مدد مُحُو پوءِ وڃ پرين تون.

66

ويھ پرين ويھ، تون مار نہ مون مٿي،
محبت تنهنجي ۾ مون مٿا قابو آهيان ڪٿي،
تنهجي لاءِ دلبر آهي، مهر موليٰ جي اُٿي،
لائي علي مدد کي پٽي، پوءِ وڃي پرين تون.

67

ويھ پرين ويھ، ڪر چٺي نہ مون چوري،
جلدي وڃڻ جي جانب، جيءَ ۾ نہ ڏي جهوري،
وڃ نہ انهيءَ ويل ۾ ظاهر ڪيون زوري،
ڪري علي مدد ڪئون چوري، پوءِ وڃ پرين تون.

68

ويھ پرين ويھ، ڏي دلبر مون ديدار،
پردو لاهي پرين تون ناميان ٿيءُ نروار،
منهن ڪولي محب تون ڪراءِ صورت سندو سنسار،
سڻي علي مدد جي پڪار، پوءِ وڃ پرين تون.

69

ويھ پرين ويھ، سڻي منهنجي هيءُ فرياد،
موٽي ملڻ جو محبوب سائين ڪڏهن ٿيندو ارشاد،
سورن مون کي سوگهو ڪري بيوس ڪيو برباد،
ڪيون علي مدد کي آزاد، پوءِ وڃ پرين تون.

70

ويھ پرين ويھ، ڏي ڏاھا مون کو ڏس،
عجيب نہ ڏس عيبن ڏي، غافل کي وڃراءِ گس،
پرين تنھنجي پسڻ لئہ، وڏو ڪيو مون وس،
ڪائي علي مدد سان ڳسُ، پوءِ وڃ پرين تون،

71

ويھ پرين ويھ، مون محب نہ وڃ ماريون،
باھہ منھنجي بدن ۾ پرين نہ وڃ ٻاريون
ڏکيا ڏينھن دلبر گڏجي کي گھاريون،
تن علي مدد جو تاريون، پوءِ وڃ پرين تون،

72

ويھ پرين ويھ، منھنجو من ٿئي پيو ماندو،
هوت توکي هنڙي الله ڪٽي آندو،
سواءِ سڪ جي سھڻا منھن وار بہ نہ آه واندو،
ڪڍي بَرَ مئون علي مدد باندو، پوءِ وڃ پرين تون.

73

ويھ پرين ويھ، ڪر روحي هت رايو،
هلي اچي هوت تون پنھنجو پاڻ پسايو،
قرب ٻائنيان ڪريم جا جنھن محب ملايو،
چاھہ مان علي مدد چايون، پوءِ وڃ پرين تون.

74

ويھ پرين ويھ، ڏسان عجيب تنھنجون اکيون،
ماريڻ هڪ منٽ ۾ ڪنھن کان آهن سکيون،
وار ڪرڻ کان اڳ وڍن آهن تلوار کان تکيون،
دل علي مدد وٺ رکيون، پوءِ وڃ پرين تون.

75

ويهه پرين ويهه، واهه واهه جانب تنهنجي جواني،
پريون لهي پرينءَ تي حورون كائن حيراني،
ديدار تنهنجي لئہ دلبر ٿي دلڙي منهنجي ديواني،
پسي علي مدد جي پيشاني، پوءِ وڃ پرين تون.

76

ويهه پرين ويهه، توكي ساهه سدائين پئي ساريو،
ڇڏي نہ وڃ ڇوريءَ كي ٻَٽتين ۾ نہ ٻاريو،
راتيان ڏينهان رت ڦڙا هيئين پئي هاريو،
قول علي مدد سان پاريو، پوءِ وڃ پرين تون.

77

ويهه پرين ويهه، تون عجيب نہ وڃ اصلي،
پرين تنهنجي پيار جي وصل جي وصلي،
پرتيون توكي سڀ پرين ڦٽي نہ كر فصلي،
ڏئي علي مد كي تسلي، پوءِ وڃ پرين تون.

78

ويهه پرين ويهه، مون هان عجيب تو ۾ اڙي،
ڏكاري منهنجي دل كي قريب نہ كر كڙي،
سوگهو كيو سورن آ منهنجي جان جڙي،
ويهه علي مدد وٽ گهڙي، پوءِ وڃ پرين تون.

79

ويهه پرين ويهه، تون ياري رک گهري،
ديدون ڏيكار دلبر جيكي هن كان ٿهري،
پردو لاهي پرين تون زلف ڏيكار زهري،
كرعلي مدد سان كچهري، پوءِ وڃ پرين تون.

80

ويهه پرين ويهه، ٽي وڃن ڇو نہ شتاب،
ستت سنبرڻ جو سهڻا لکيو مون ڪتاب،
ڪلي پنهنجي خيالن جو خاصو ڪر خطاب،
ڏيو تجلي علي مدد تاب، پوءِ وڃ پرين تون.

81

ويهه پرين ويهه، ڪجهه سهڻا رهه سائين،
چاهؤن هن چريءَ کي چڱا تون چائين،
پيار سندي پريت ڪري نورار مون نائين،
نيهن علي مدد لائين، پوءِ وڃ پرين تون.

82

ويهه پرين ويهه، جانب نہ وڃ جلايون،
قرب ڪري قريب ٽيءَ وڃ دِل دِل سان ملايون،
پُرِ ڪري پيار جو پيالو وڃ پلايون،
خوشيءَ مئون علي مدد کلايون، پوءِ وڃ پرين تون.

83

ويهه پرين ويهه، آهيان پرين تنهنجي پَساري،
تاري لڳان تنهنجي مون سهڻا سهاري،
پنيءَ لائي پنهنجي وچ قربئون قطاري،
لائي علي مدد لاري، پوءِ وڃ پرين تون.

84

ويهه پرين ويهه، تون ڇڏ وڃڻ جون وايون،
موتي مندون ملڻ جون عجيب سي آيون،
موليٰ منهنجون مس هن آهون اگهايون،
روح علي مدد جو ريجهايون، پوءِ وڃ پرين تون.

85

ويھ پرين ويھ، تون رانول لاءِ مون رنگ،
پرتو آه پرين توکي هن نندوريءَ جو ننگ،
لکيل آه لوھ قلم ۾ عجيب تو سان انگ،
ڏسي علي مدد ڍنگ، پوءِ وڃ پرين تون.

86

ويھ پرين ويھ، منهنجي تون دل وندراءِ،
راضي ٿيءُ روح سان پيچ پريت جو پاءِ،
برھ سندي باھ کي عجيب تون اجھاءِ،
من علي مدد سان ملاءِ، پوءِ وڃ پرين تون.

87

ويھ پرين ويھ، ڪر جانب نہ مون جدائي،
پورل هج پر ۾ سهڻا تون سدائين،
ڏنم نہ ڪو ڏيھ ۾ ساري منجھ خدائي،
ڏيون علي مدد کي گدائي، پوءِ وڃ پرين تون.

88

ويھ پرين ويھ، هل نہ تون حبيب،
برھ سندي بيمار جو تون تن ڏس طبيب،
اڳڻ آئين عجيب تون پلا ٿيا نصيب،
ڏسي علي مدد غريب، پوءِ وڃ پرين تون.

89

ويھ پرين ويھ، بڌاءِ قرب جي ڪهاڻي،
جانب پنهنجي جند سان جواني تو ماڻي،
پيار ڏي پرين تون مون کي جاڻي واڻي،
ٿيءُ علي مدد ساڻي، پوءِ وڃ پرين تون.

90

ويھ پرين ويھ، چڏ وڃڻ جو بھانو
پر ڪري پيار جو پيار مون پئمانو
لکي ڏي لعلڻ سائين پڪو مون پروانو
ڏسي ايندي علي مدد روزانو پوءِ وڃ پرين تون.

91

ويھ پرين ويھ، تون سائين سڻ مون سوال،
پيار ڪرڻ جو پرين آ ڪھڙو ٻيو ڪال،
ٻڌاءِ مون ڀڳڻ تون اندر جو احوال،
ڪري علي مدد سان وصال، پوءِ وڃ پرين تون.

92

ويھ پرين ويھ، تنھنجي قربن ھان ڪٽي،
سھٽا تنھنجي سڪ جي فيراق ڪيو ڦٽي،
ملم لک محب تون پرين ٻڌ پٽي،
پياري علي مدد کي وصل جي وٽي، پوءِ وڃ پرين تون.

93

ويھ پرين ويھ، تنھنجي صفت ڪيان سرڪار،
مرڪڻ کلڻ مست ڪيو تنھجي مٺي گفتار،
بيھڪ تنھنجي بدن جي آئيني آچار،
ڏسي علي مدد ھڪوار، پوءِ وڃ پرين تون.

94

ويھ پرين ويھ، مون کي ماريو تنھنجي حسن،
ڪارين ڪڪرين ڪجلين شرابي اکين،
منھن مھتابي محب تنھنجو گلابي گردن،
اکيون علي مدد جون ڏسن، پوءِ وڃ پرين تون.

95

ويهه پرين ويهه، مون کي پل پل پور پون،
ڪارا وار ڪاريهر ڏنگيون پيا ڏنگن،
ڏند داڻا موتن جا لڱل لالاڻي لبن،
ڏسي علي مدد تاب تجلين، پوءِ وڃ پرين تون.

96

ويهه پرين ويهه، منهنجون اکيون پيهر چمن،
ڳاڙها گل لعل گلاب ائين عاشق مون عضون،
جانب تنهنجي جان جي ڪئي پوڄا مون اکين،
عاشق علي مدد چون، پوءِ وڃ پرين تون.

97

ويهه پرين ويهه، توکي پيهرين مون پَوان،
اڇن سور منهنجي سيني ۾ نئين سر نوان،
ڏک ڪڍيون وچ دل مئون توکي پئي چوان،
ڪيون دام ۾ علي مدد روَان، پوءِ وڃ پرين تون.

98

ويهه پرين ويهه، سڻ عجيب منهنجون آهون،
دلبر ڦاڙي ڪيم دل مئون دلبر توکي دانهون،
سور منهنجي سيني ۾ ڪوڙين ڪن پيا ڪاهون،
چايون علي مدد چاهون، پوءِ وڃ پرين تون.

99

ويهه پرين ويهه، ڪري پلايون مون پال،
سورن سوگهو ڪري هيٺا ڪيم حال،
غم ۾ گذاريان غريب جان سائين ڪيئي سال،
ٿين علي مدد جا خوش خيال، پوءِ وڃ پرين تون.

100

ويهه پرين ويهه، تون آن پاڪن سندو پاڪ،
مالڪ آهين ملڪ جو تون لعلڻ ساري لولاڪ،
دانهن سڻ درد جي دلبر مون درد ناڪ،
ڪيون علي مدد خوشناڪ، پوءِ وڃ پرين تون.

101

سور ڏاڍا سپرين آهن منهنجي اندر،
جتي باهه ٻري برهه جي پوي خاصي تنهن خبر،
وساءِ اهي وصل سان ڪري ناميان مون نظر،
علي مدد جي جان جگر، سورن اڇي سوگهي ڪئي.

102

سوال ڪيان مون توکي سهڻا اچي رانول مون رنگ لاءِ
جيڪا باهه پڙڪي اندر ۾ سا واهر ڪري وساءِ
يا اوري آءُ عجيب تون يا سهڻا مون سڏاءِ
اچي گولي گڏ گڏاءِ، علي مدد جو عرض سڻي.

103

سورن گهري سيني ۾ اچي تکي وڄايم تار،
اکيون روئن اندر ۾ ڪيڍي پرين لئه پار،
واعدو ڪيل ولصوف جو آءُ نہ پاريو دلدار،
ڪرَ ساري لهج سار، علي مدد عاجز جي.

104

راتيان ڏينهان روح منهنجي توکي سهڻا پي ساريو،
دڳ ڏسي دلبر تنهنجا پئي هئين هنجون هاريو،
اچي بيقراريءَ بدن ۾ ٻارڻ آ ٻاريو،
گهوٽ گهڙي گهاريو، علي مدد جي اڱڻ تي.

–

صوفي خادم حسين ڏهوٽ ”خالق“ عرف فقير سائين سنڌ جي اُن فڪري ۽ روحاني روايت جو زندھ مثال آهن، جتي علم، عشق، انسان دوستي ۽ سماجي شعور گڏجي نئون فڪر تخليق ڪن ٿا. پاڻ شاعر، محقق، مرتب، سماجي اڳواڻ، وڪيل، فلسفي ڊاڪٽر ۽ صوفي مزاج دانشور طور سڃاتا وڃن ٿا. فقير سائين پنهنجي قلم ۽ عملي جدوجهد وسيلي محبت، رواداري ۽ هم آهنگيءَ جو پيغام عام ڪيو آهي.

فقير سائين جن ڪتاب ”The Dictionary of Indus Sufis and Saints“ (جلد اول)، جا مصنف آهن، جيڪو سنڌو ماٿريءَ جي صوفي روايتن ۽ روحاني تاريخ بابت اهم علمي ماخذ طور مڃيو وڃي ٿو. ان ڪان علاوه پاڻ صوفي شاعر فقير مظفر علي مهيسر جي شاعريءَ تي مرتب ڪتاب ”ميخاني جي ماڳَ تي“ تيار ڪيو. جڏهن تہ جامع تحقيقي ڪم ”هادي بخش ڀَٽ: سوانح حيات، علمي ۽ ادبي خدمتون“ پڻ سندن اهم تصنيفن مان آهي.

صوفي خادم حسين ڏهوٽ نہ رڳو نظرياتي طور صوفي فڪر جا ترجمان آهن، پر عملي طور پڻ هڪ مشق ڪندڙ صوفي مرشد آهن. پاڻ صوفي خانقاھ ”خادميہ“ جا باني آهن ۽ قادريہ، صديقيہ، مولويہ ۽ اويسيہ سلسلن سان وابستگي رکن ٿا، جتي روحاني تربيت، خدمتِ خلق ۽ اخلاقي پاڪيزگيءَ تي زور ڏنو وڃي ٿو.

سندن ادبي ڪم ۾ شاعري، تحقيق ۽ تدوين شامل آهن، جن ۾ انسانيت مرڪز حيثيت رکي ٿي—جتي محبت، وحدت ۽ رحم جو عالمي پيغام نمايان آهي.

(فقرا صوفي خانقاہ خادميہ، خيرپور)

ISBN 978-969-23964-3-0
978-969-23964-3-0

HAMA UST
هم اوست

naeemdeswali